سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ
سال ۴۵-۱۹۴۶ع جو ٽيون ڪتاب

# بيگ لار نامه

## (پارسي تان سنڌيءَ ۾ ترجمو)

۱۹۴۷ع

دفعو ۲ ]    قيمت ۰-۱۴-۰    [ جلد ۱۰۰۰

مترجم
خانبهادر حاجي محمد صديق ميمڻ
بي. اي. ايس. ٽي. سي. ٽي

# بيگ لارنامو

## سنڌ جي بادشاهن جو مختصر احوال

"سنڌ" حضرت نوح نبي عليه السلام جي پٽ حام جو پٽ هو. هي ملڪ انهيءَ سنڌ ۽ انجي اولاد جي قبضي ۾ هو، تنهڪري ان ملڪ جي نالو ئي پئجي ويو آهي سنڌ. جنهن صورت ۾ انهيءَ قوم جو ذڪر نه ڪنهن تاريخ مان هٿ اچي ٿو ۽ نه ڪن معتبر روايتن مان معلوم ٿئي، تنهن صورت ۾ انهيءَ قوم جو بيان ڇڏي ڏجي ٿو ۽ جيڪي احوال ماڻهن جي واتون ٻڌڻ ۾ آيل آهن، سي هن طرح آهن ته قديم وقت ۾ هن ملڪ (سنڌ) تي سمه، لاکا ۽ مومند قومن جو قبضو هو. انهن مان هر هڪ قوم جي حڪومت ڪيترو وقت سنڌ تي هلي، تنهن بابت ڪو به احوال چٽائيءَ سان هٿ اچي نه سگهيو آهي.

انهن قومن کانپوءِ راءِ سهاسي الور جي قلعي ۾ حڪومت ڪندو هو ۽ ساري سنڌ ۽ هند ان جي قبضي

۾ هئي. راءِ سهاسي جي مرڻ کانپوءِ چچ اروڙ سنڌ ۽ هند جو حاڪم ٿيو جنهن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ برهمڻ آباد ۾ ڪيو. سندس حڪومت جي حد ڪشمير تائين هئي.

چچ جي وفات کانپوءِ ان جو پٽ راجا ڏاهر ملڪ جو ڌڻي ٿيو. ان جي حڪومت جي ڏينهن ۾ حجاج ابن يوسف جي حڪم موجب محمد بن قاسم جي سپه سالاريءَ هيٺ اسلامي لشڪر سنڌ ۾ پهتو ۽ سخت جنگين بعد راجا ڏاهر جنگ جي ميدان ۾ مارجي ويو ۽ هجري سنه اوي ۾ سنڌ جو اڪثر ڀاڱو محمد بن قاسم فتح ڪيو. انهي واقع جو تفصيلوار احوال "چچنامه" ۾ لکيل آهي.

لڏهن کانپوءِ سنڌ جي حڪومت ٻئي قوم قبيلي جي هٿ ۾ آئي. ڪن ڏينهن کانپوءِ وري ساري سنڌ سومرن جي هٿ ۾ آئي، جن ٻه سو ٻه ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ پنهنجي گادي جو هنڌ ٺٽو ڪيو هئائون. مٿين مدت گذرڻ کانپوءِ وري سمن سنڌ تي حڪومت ڪئي انهن مان ڪل پندرهن حاڪمن هڪ سو ٽي ورهين تائين حڪومت هلائي. سمن جي پوئين حاڪم ڄام فيروز ابن ڄام نظام الدين پنهنجي ڀاءُ جي وفات کانپوءِ هجري سنه ٩١٣ ۾ حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ کنيون. ڄام فيروز اٺن ورهين حڪومت ڪئي، ان

اوچتو نواب شاهه بيگ ارغون زبردست لشڪر سان
ڪري سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ جبل لنگهي سنڌو لنگهي
اڪري ساموئي شهر ۾ دريا خان سان اچي جنگ
ڪيائين، جو جام نظام الدين جي وقت جو هڪڙو
بهادر ۽ سخي انسان هو. آخر دريا خان ميدان جي
لشڪر وٽ قيد ٿي پيو ۽ قتل ٿي ويو ۽ نواب شاهه
بيگ فتحياب ٿي هجري سنه ٩٢٧ ۾ ٺٽي شهر ۾
حڪومت جي تخت تي ويٺو ۽ جام فيروز ڀڄي ويو.

نواب شاهه بيگ فضيلت وارو، هنر ڀريو، نهايت
عادل ۽ هنر جو شائق بادشاهه هو. ڪجهه وقت ٺٽي ۾
گذارڻ بعد نواب شاهه بيگ پنهنجن دانا وزيرن جي
صلاح موجب ڪن معتبر اميرن کي جدا جدا پرڳڻن ۽
سمورن جي قلعن تي نائب طور مقرر ڪري جام فيروز کي
گهرائي دم دلاسا ۽ دلداريون ڏيئي ٺٽي ۾ پاڻ جو
نائب ڪري رکيائين ۽ پاڻ قنڌار ڏي روانو ٿيو.

انهيءَ وچ ۾ جام صلاح الدين گجرات کان لشڪر
وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. جام صلاح الدين اڳي به
هڪڙو ڀيرو وڏو لشڪر وٺي ٺٽي تي ڪاهي آيو هو
۽ جام فيروز کي ٺٽي مان ڪڍي پاڻ بادشاهه ٿي
ويٺو هو. مگر دريا خان جي ڪمڪ ۽ اٽڪل سان انهيءَ
ڀيري جام صلاح الدين سنڌ مان نڪري گجرات ڏانهن
اٿي ڀڳو هو.

پهرئين ڀيري جام صلاح الدين ڪيئن جام فيروز

کي ٺٽي مان ڪڍي پاڻ حاڪم بڻجي ويٺو هو ۽ وري ڪيتري طرح دريا خان جي ڪمڪ بازي سان ٺٽو ڇڏي گجرات ڏانهن ڀڄي ويو هو، انهن حقيقتن جو تفصيلوار بيان هن طرح آهي:-

جام صلاح الدين رائمل سوڍي جي پرچائڻ ۽ اڀارڻ تي گجرات کان سنڌ ۾ پهتو. جيئن ته سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو جام صلاح الدين جا طرفدار هئا، جي سڀ اچي سندس لشڪر ۾ داخل ٿيا، جنهنڪري جام صلاح الدين زبردست لشڪر ساڻ ڪري ٺٽي تي اچي ڪڙڪيو هو. جام فيروز پاڻ مقابلي جي توفيق نه ساري، تنهن ڪري ٺٽي مان نڪري ڀڄي ويو ۽ جام صلاح الدين ٺٽي ۾ تخت جو ڌڻي ٿي ويهي رهيو.

جام فيروز دريا رستي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ٺٽي مان نڪري سيوهڻ جي طرف ويو، جتي دريا خان، جو ڪالهه ناراض ٿي هليو ويو هو ۽ وڃي رهيو هو، اُتي ويو ۽ دريا خان کي منٿ ميڙ ڪري راضي ڪيائين ۽ هو ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي پهتو.

دريا خان اُتهين طرف جا ماڻهو ڪٺا ڪري ٺٽي ڏانهن رخ رکيو. جام صلاح الدين جڏهن اها خبر ٻڌي، تڏهن رائمل سوڍي جي وزير چاچي کي لشڪر ڏيئي جام فيروز جي پٺيان روانو ڪيائين. جڏهن چاچي وزير سان ڳرت وٽ پهتو، تڏهن جام فيروز ۽ فيروز خان سنڌ والدي اڪري ان جو ابرالدو ڪداور ڏيئي ٺٽي

ڏانهن روانا ٿيا. چاچي وزير ۽ درياهه اڪري ڄام فيروز جي لشڪر جي ٻاهران ڪاهيندو آيو. جڏهن ڄام فيروز ڪمپرن جي ڳوٺ وٽ آيو، تڏهين الي جا سڀ معزز ماڻهو ڄام فيروز جي سلام لاءِ آيا. هڪڙو ڇوڪرو به انهن ماڻهن سان گڏجي ڄام جي سلام لاءِ آيو هو. ان وقت دريا خان چيو، ته "مون کي پڪ آهي، ته سنڌ ملڪ ڄام فيروز کي ملڻو آهي." تنهن تي ڄام فيروز چيس ته "توکي اها ڳالهه ڪيئن معلوم ٿي؟" درياخان جواب ڏنو، "ته هيءُ ڇوڪرو نهايت ادب سان اوهان وٽ آيو آهي ۽ اوهان جي قدمبوسي اچي حاصل ڪيائين، تنهن اميد آهي، ته ملڪ اوهان جي هٿ ۾ ضرور ايندو." ف ا

انهن کان پوءِ جڏهن ڄام فيروز ۽ دريا خان فتح باغ ڳوٺ ۾ پهتا ۽ اتان درياهه اڪري، عالي ٻوڙن جي ڳوٺ ۾ اچي وڏو لشڪر هٿ ڪيائون، تڏهن چاچي وزير لشڪر سميت ربڙا واهه جي ڪپ تي اچي منزل ڪئي.

هڪڙي ڏينهن جاسوسن دريا خان کي اچي خبر ڏني، "هڪڙو ماڻهو ربڙا واهه جي طرف کان اٽل درياهه

---

ف ا- ٻيگلرا نامه جو مصنف لکي ٿو، ته اهو ڇوڪر هن وقت ٻوڙسن مرد آهي ۽ ان جي والدن اهو نقل ڪيو آهي.

ڏيئي ڪٽڪي دريا خان کي ڏنو. ان خط ۾ چاچي وزير لکيو هو، ته ڄام صلاح الدين کي معلوم هجي ته هينئر ڄام فيروز ۽ دريا خان مون کي اهڙا وجهه ۾ آهن جو انهن جي ۽ منهنجي وچ ۾ فقط سنڌو ندي آهي. اڄ جيڪڏهن درياءَ اڪري، انهن تي حملو ڪريان، ته به انهن کي ننڊ ڪري سگهان ٿو، ۽ انهن کي قيد ڪري ٻڌي اوهان وٽ پهچايان، ته اهو به ڪري سگهان ٿو. باقي اوهان جو جيئن حڪم هجي، تيئن ڪرڻ لاءِ اڄ تيار آهيان."

دريا خان انهيءَ خط جي بدران وري هيءُ خط چاچي وزير جي اوليءَ ۾ لکيو: "ڄام صلاح الدين کي معلوم هجي، ته دريا خان تمام ٿورو لشڪر ساڻ ڪري، ڄام فيروز سميت هتي پهتو آهي. ان سان مقابلي ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪا به طاقت ڪانهي. صلاح پڇڻ جي اها ڳالهه آهي، ته هن خط ڏسڻ شرط ڪنهن به دير ۽ سستيءَ ڌاران هڪدم اچي مان ٽڪري وڃجو. ڄام فيروز ۽ دريا خان جا ماڻهو، جي اڃا توهان وٽ آهن، تن کي به پاڻ سان وٺي وڃجو."

ڄام صلاح الدين کي انهيءَ خط پهچڻ شرط ڄام فيروز ۽ دريا خان جي ماڻهن کي ساڻ ڪري اتان روانو ٿيو. ظاهر ڪيائين ته پير پٺي جي زيارت ڪرڻ لاءِ جان تو پير، سڌو گجرات جو گس ڪٽي ورتائين. دريا خان کي ڄام صلاح الدين جي گجرات ڏي وڃڻ جي خبر

ڄالار ڳوٺ وٽ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ ڄام صلاح الدين حميد جمت جي هٿان قتل ٿيو، ۽ پٽس فتح خان روزي مير خوش محمد بيگ لاڙ جي هٿان قتل ٿيو. تڏهن ڄام صلاح الدين ۽ ان جي پٽ جا سر نواب مرزا شاه حسين جي اڳيان آندائون، تڏهين مهتر سنبل، جو نواب شاه بيگ جو جهونو خدمتگار هو، سو عرض ڪرڻ لڳو، ته صلاح بري ڳالهه اٿا آهي، ته ڄام فيروز جو سر اسان ويڙاتي هٿن اسون سان ملايو وڃي، ته سنڌ جو علائقو دعوادارن جي فساد کان بلڪل پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي.

وڏن وڏن اميرن به اها صلاح بوري سمجهي. مگر نواب مرزا شاه حسين جواب ڏنو ته "وهمن جهڪي چئو ٿا، سو هلندڙ وقت سان بلڪل موافق آهي، پر بابا صاحب ان سان جيڪڏهن جا انجام اقرار ڪيا آهن ۽ الکي پنهنجو فرزند ڪري سڏيو اٿس، تنهن ڪري اُن کي مارڻ آءٌ صلاح بري ڳالهه ٿو سمجهان."

جڏهن ڄام فيروز کي اها خبر پهتي، تڏهين اچي دم ورتس، ته جنهن صورت ۾ امير ۽ وزير منهنجا مارا آهن تنهن صورت ۾ هتان اڪري وڃڻ ٺهر جي ۽ دل ۾ ڪنهن نه ڪنهن وقت اهي مون کي مارائيندي دير نه ڪندا. اهو خيال ڪري هو الي ڪهراس ڏانهن ڀڳو. الي وڃي جڙيجا قوم جا ... ۽ ڪ

هوس ۾ سنڌ جا ماڻهو به ساڻس مددگار ٿيندا. پر وري آيو ته انهي سردار ولي آيا پيس، سو گجرات ملڪ مان جاڙيجن جو لشڪر وٺي سنڌ پر آيو ۽ سنڌ جا به گهڻا ماڻهو سندس لشڪر ۾ اچي شامل ٿيا. جام فيروز سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي ارادي سان ڇهه پنجاهه هزار ماڻهو ساڻ ڪري انهي تي ڪاهه ڪري آيو.

نواب مرزا شاهه حسن اها خبر ٻڌي، لشڪر تيار ڪري ٺٽي مان نڪتو ۽ واٽ تي ئي اچي جام فيروز جي لشڪر کي سامهون ٿيو. جڏهن ٻنهي طرفن جا لشڪر جنگ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جي سامهون ٿي بيٺا، تڏهن جاڙيجن چيو، "نه اسان ۾ رواج آهي،

هميشه گهوڙن تان لهي پياده ٿي جنگ ڪندا آهيون، تنهن ڪري اسين به گهوڙن تان لهون ۽ توهين به گهوڙن تان لهو ته پوءِ جنگ ڪريون." مغل سپاهين کي گهوڙي تان لهي جنگ ڪرڻ نه ايندي، پر جاڙيجن سان ٺاهه ڪار ڪيائون. جاڙيجا لهي پياده ٿيا، ته مغلن گهوڙي چڙهي تن اهڙي تيرن ۽ تلوارن جا مينهن ڪڻي وسايا. نتيجو اهو ٿيو، جو آمر ۽ ان جي قوم جا سپاهي گاهه واڍ کر لٿي ويا. جام فيروز جي لشڪر ۾ ڀاڄ پئجي ۽ نواب مرزا شاهه حسن جي سوڀ ٿي.

الغرض جنگ وقت مير ابوالمجد ننگر لاڙ، جو حاڪم زمان جو چاچو هو ۽ هڪڙو دلير ۽ دانا انسان هو،

سو جنگ جي شروعات ڪانئي نواب مرزا شاھ حسن
جو پاسو ڀاري ھئو ھو. جڏھن ٻنھي طرفن جا لشڪر
جنگ ۾ رڌل ھئا، تڏھن مرزا شاھ حسن ارادو
ڪيو، ته پر واري مٿاھين دڙي تي وڃي ويھان ۽
اتان جنگ جو نظارو چڱيءَ طرح ڏسان. اھو ارادو
ڪري اڃا گهوڙي کي ھڪلائين، ته مير ابوالمجد
ڪمر ٻڌي ۾ ھمت وجهي روڪيس ۽ چيائينس، "نه
ھمٿ ھڪ ٻانھي ۾ لوڪ چوڻ نه ڏيندس، ڇاڪاڻ
جو ڏسندڙ سپاھين جي نظر ۾ آھي. توھان ھڪڙو
مدت اوھان جي نظر کان غائب ٿيندا ته ھو ٻي دل
ٿي پوندا ۽ جنگ ۾ وڏو ويڙو پڄي ويندو."

نواب مرزا شاھ حسن کي اھا صلاح بلڪل پسند
آئي ۽ اتي جو اتي جبل وانگر اٽل رھيو. ان جو
سندس سپاھين سوب ڪئي ۽ جنگ جو فيصلو ٿي ويو
انھيءَ سوب ۽ فتح ڪري نواب مرزا شاھ حسن مير
ابوالمجد کي گهڻو انعام اڪرام عطا ڪيو.

## نواب مرزا شاھ حسن جي حڪومت

نواب مرزا شاھ بيگ ھڪ سال سنڌ تي حڪومت
ڪرڻ بعد وفات ڪئي ۽ پٺس نواب مرزا شاھ حسن،
جو پيءُ جي جيئري گويا حڪمرانيءَ جي ڪم ۾ ماھر
جو ابتدا کان ھو، سو ھاڻي سنڌ جو حاڪم ٿيو.

مرزا شاھ حسن ڏاڍو ھو بھادر ۽ عادل، ٻيو ته
ھو عالم ۽ فاضل. ھن جي حڪومت ۾ ملڪ فتن

۽ فسادن کان پاڪ ۽ صاف ھو. رعيت خوشحال ۽
فارغ البال ھئي. ملڪ ۾ عمارت سازيءَ ۾ ڪيترو
واڌارو ۽ سڌارو ٿيو. سڀ ڪاروبار ۽ عدل انصاف
شريعت موجب ھلندو رھيو. سنڌ جي جدا جدا شھرن
۾ عربي ۽ فارسي تعليم جا مدرسا جاري ھئا ۽ علم
وارن ماڻھن جي گھڻي قدرداني ۽ عزت افزائي ٿي.
نواب مرزا شاھ حسن جي حڪومت وقت اناج وغيره
شين جي جھڙي سھانگائي سنڌ ۾ ٿي، تھڙي سھانگائي
سنڌ جا ماڻھو ڪنھن وقت ۾ سڃاڻن ٿي ڪانہ. حسن
پنھنجي خدا داد قابليت ۽ بھادريءَ سان ملتان فتح
ڪيو. قنڌار کان واڌڪ پور ۽ موريلي لاھين ۽ جيسلمير
کان اوڀر ايلي لاھين سارو ملڪ سندس حڪومت
ھيٺ ھو. جھڙو پاڻ ھو بھادر ۽ داناءُ تھڙو ئي ھئس
وزير ۽ امير داناءُ ۽ دلير. ھمايون بادشاھ ھن جي ڏينھن
۾ سنڌ ۾ آيو ھو، پر نواب مرزا شاھ حسن اھڙي
تدبير ڪئي، جو ھمايون بادشاھ ڪنھن بہ جنگ ۽
جھيڙي کان سواءِ پنھنجي خوشيءَ سان سنڌ جي علائقي
کان ٽري ويو. مرزا شاھ حسن پنجٽيھ ورھيہ
حڪومت ڪري بعد ھجري سنہ ٩٦١ ۾ وفات
ڪئي.

## نواب مرزا عيسيٰ ترخان

نواب مرزا شاھ حسن کان پوءِ سڀئي ارغون
سردارن ٺڪراءُ ٿي سنڌ جا ٻہ حصا ڪيا. ڏاکڻون

حصو پاٽ ۽ دربيلي کان وٺي سنڌ جي ڏاکڻين ڇيڙي تائين نواب مرزا عيسيٰ ترخان کي ڏنائون جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو، ٻيو پاٽ ۽ دربيلي کان وٺي سنڌ جي اترين ڇيڙي تائين مير سلطان محمود بن مير فاضل ڪوڪلتاش کي ڏنائون، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڀڪر.

نواب مرزا عيسيٰ ترخان چڱن لڇڻن ۽ سهڻين عادتن وارو شخص هو ۽ حڪومت جو ڪاروبار تمام عمدي سمجهه سان هلائيندو هو سڀني امورن امرائن سان نهايت سٺو سلوڪ رکندو هو ۽ عالمن کي گهڻي عزت ڏيندو هو. رعيت سان پورو عدل ۽ انصاف ڪم آڻيندو هو. هن کي چار پٽ هئا، پهريون نواب مرزا محمد باقي. ٻيو مرزا محمد صالح، ٽيون مرزا جان بابا ۽ چوٿون مرزا ابراهيم. پنجون پٽ به هوس مرزا جوهر، پر اهو ننڍي هوندي وفات ڪري ويو ۽ مرزا ابراهيم به پيءُ جي جيئري ئي گذري ويو باقي رهيل ٽيئي پٽ ڏاڍا ۽ بهادر هئا انهن ڀائرن جي وچ ۾ ڪي ناگوار واقعا ٿيا هئا، جنهن جو بيان اڳتي ڪنداسون.

نواب مرزا عيسيٰ ترخان ارڙهن ورهيه حڪومت ڪري بعد هجري سنه ٩٧٩ ۾ وفات ڪئي.

## نواب مرزا محمد باقي ترخان

نواب مرزا عيسيٰ ترخان جي وفات وقت سندس

وڏو پٽ نواب مرزا محمد باقي موهڻ ۾ هو. سنڌي ارغون ۽ ترخان اميرن بکراءَ لاءِ مير علي محمد ولد مير ڪوچڪ کي موڪليو، جو نواب مرزا محمد باقي کي اتان وٺي آيو ۽ ٺٽي ۾ پيس جي گاديءَ تي ويهاريائون. مرزا محمد باقي دانا، عاقبت انديش ۽ انصاف وارو حاڪم هو. هو هميشه حالتن مطابق پنهنجي حالتون چڱيءَ طرح سمجهندو هو. ملڪ جي انتظام ڪرڻ ۾ بي نظير هو. هن جي حڪومت ۾ ماڻهن امن امان ۽ آسودگيءَ ۾ گذاريو. ڪوبه ڌاريو ماڻهو هن جي ڏيهه ۾ سندس ڪاهي نه آيو هو. فقيرن ۽ درويشن ۾ گهڻو ويساهه هوندو هوس. سادات ۽ عالمن جي گهڻي عزت ڪندو هو. مذهبي اڳواڻن ۽ طالب علمن کي طرحين طرحين انعام ۽ بخششون ڏيندو هو. رعيت کي ڪا به گذران ۽ ٻئي جي تنگي ڪانه هئي. لشڪر کي پگهار ۽ کاڌو خوراڪ باقاعدي ملندو هو. ملڪ جي پوک ۽ آباديءَ لي خاص طرح ڌيان ڏيندو هو. سچائي ۽ گهڻي سخاوت سان هو پنهنجو ملڪ هلائيندو هو.

نواب مرزا محمد باقي کي ٽي پٽ هوندا هئا: وڏو مرزا پاينده محمد ٻيو مرزا شاهرخ ۽ ٽيون مرزا مظفر ترخان. اهي ڪڇ ملڪ ۾ گذاريندا هئا. نواب مرزا محمد باقي ارڙهن سال حڪومت ڪرڻ بعد هجري سنه ٩٩١ ۾ وفات ڪئي.

۽ مرزا شادمان ٺوي پرڳڻي ۾ مرزا جان بابا جي طرفان لشڪر گڏ ڪري رهيا آهن، تنهنڪري مرزا محمد باقي ٺويءَ جي قلعه لاءِ پنهنجو لشڪر ڏياري موڪليو. مرزا محمد باقي جو سپهه سالار مولانا بهبود پوڙين ۾ ڪجهه جيترو لشڪر چاڙهي ٺويءَ ۾ اچي بيٺو. ٺويءَ جي قلعي ۽ پرسان وهندڙ وڏي واهه جي وچ ۾ هڪڙي وڏي ڪاهي کوٽائي تيار ڪرايائون ۽ سندس پٺيان ايندڙ مددي لشڪر جي سپهه سالارن مير شمس ڪشميري ۽ مير ابراس کي پيغام موڪليائون، ته هاڻي ڪاهي تيار ٿي ويئي آهي، اوهين جلد اچو. مير شمس ڪشميري ۽ مير ابراس پنهنجن لشڪرن سميت اچي مولانا بهبود سان ٺويءَ جي قلعه ۾ مليا.

ايتري ۾ خان زمان بيگ لار ۽ مرزا محمد سلطان بيگ لار پنهنجو لشڪر وٺي اوچتو اچي مير شمس ۽ مير ابراس جي لشڪر تي ڪڙ ڪيا ۽ سخت جنگ لڳي. مرزا محمد باقي جي طرف جا تمام گهڻا ماڻهو مارجي ويا. مير شمس ۽ مير ابراس جي لشڪر جا ڪيترائي ماڻهو خوف ۽ ڊپ سببان پنهنجا گهوڙا قلعي جي پٺ تان ٽپايا، جنهن ڪري انهن مان ڪيترا ته خندق (کاهي) ۾ ڪري مئا ۽ ڪي واهه ۾ پيا. بلوچ خان جو ڀاءُ به اتي پڌي ويو. خان زمان ۽ مرزا سلطان بيگ جي سوڀ ٿي. هڪ سو گهوڙا ۽ ٻيو ڪيترو ئي سامان انهن کي هٿ آيو.

انهيءَ وچ ۾ خان زمان ۽ مرزا سلطان بيگ کي خبر
پهچي، ته سوين جي هڪڙي لشڪر واهرسي ۽ واسطه
جي همت هيبت مولانا طالبي سان همراهه ٿي مرزا
جان بابا جي هڪڙي طرفدار امير پير قلي کي ٻن
سون ماڻهن سميت قتل ڪري ڇڏيو آهي. اها خبر
ٻڌي خان زمان ۽ مير سلطان بيگ پنهنجي همراهه مرزا
شادمان کي ٺٽي جي قلعي تي ڇڏي پاڻ مرزا جان بابا
وٽ ويا ۽ ان کي پاڻ سان همراهه ڪري سوين سان
وڙهڻ لاءِ روانا ٿيا.

## مرزا جان بابا، خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان جي سوين تي ڪاهه

مرزا جان بابا، پنهنجن همراهن سان گڏجي، ٽن
ڏينهن جي پنڌ بعد اچي پهتو، جتي سوين مير
پير قلي ۽ ان جي جماعت کي قتل ڪيو هو. اچي
ڏٺائون، ته پير قلي ۽ ان جي همراهن جا لاشا جنگ
جي ميدان ۾ پيا ڏٺن پيا هئا. انهيءَ اظاري سڌن
جنگي جذبي کي وڌيڪ ڀڙڪايو. سوين سان گهڻو
لشڪر هو. انهن ڪري هو مغلن جي اچڻ جي خبر
ٻڌي ٻي ڏڦڪ مغلن جي لشڪر اڳيان ڪاهي آيا.
سخت جنگ لڳي. خان زمان اڪيلي سوين جي سردار
مهيس تي پنهنجي سر ڪاهه ڪئي ۽ ان کي وڃي قتل
ڪيائون ٻي هڪڙي ارغون سپاهي سوين جي ٻئي
سردار امير والد ڪاڪا کي وڃي قتل ڪيو. انهن ان

وين سردارن جي قتل ڪرڻ ڪري سوين جـي
ڪر ۾ اچي ڀاڄ پئي. مولانا طاقي، جو سوين جي
ڪر جو اڳوان هو، سو بـ مٿو اگهاڙو ڪري تلوار
ـت ۾ کڻي مرزا محمد سلطان بيگ لار ڏي ڪاهي آيو
ممر امام قلي ولد مير سلطان قلي بيگ لار جي هٿان
خمـ زخم کائي ڪونهد الي هڪڙي سوڍي
ردار وٽ وڃي اچهو ورتائين ۽ ان کان وڃي پاڻي
ني پيتائين. مطلب ته انهي جنگ ۾ ڪمترائي وڏا
ڏا سوڍا سردار مارجي ويا.

## مرزا محمد باقي جو پنهنجي سر لشڪرن تي چڙهي اچڻ

جڏهن نواب مرزا محمد باقي کي خبر پئي، ته
زا جان بابا، خان زمان بيگ لار ۽ مرزا محمد سلطان
گ لار مٺهڙن زبردست اوڙن ۽ اميرن سان جنگيون
ڪندا نقصان پهچائيندا وتن ٿا، تڏهن وڏو لشڪ
ٺاهي ڪري، ننڍي مان روانو ٿيو ۽ ٺهرايائين نـريڪ
ي قلعي تي آيو. مرزا شاد مان، جنهن کي سندس
مراهه نريڪ جي قلعي تي ڇڏي ويا هئا، تنهن
ٺاهو ڪرڻ شروع ڪيو. پر مرزا محمد باقي جو
ڪر تمام وڏو هو، تنهن ڪري پاڻ ۽ مير سلطان
قلي بيگ لار نريڪ جو قلعو ڇڏي، اچي صالح آباد
ـ ٽڪتا، جتي مرزا جان بابا ۽ خان زمان وغيره
مراهه هئا.

نواب مرزا محمد باقي نوڪر جي قلعه تي قبضو ڄمائي، وري صالح آباد ڏي رخ رکيو. مرزا جان بابا خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان ڏٺو ته نواب مرزا محمد باقي جي لشڪر سان مقابلي ڪرڻ جي اسان ۾ پهچ نه آهي، تنهن ڪري ”جتي پهڻ آهه اتي پهڻ ڪم ورنام جو“ صالح آباد کي ڇڏي سيوهڻ ڏي آلي پيا. جڏهن ريل پرڳڻي ۾ پهتا، تڏهن اتي لوسي پاٽهر صلاحون ڪرڻ لڳا ته ڇا ڪجي. آخر لهراڻ ڪيائون، ته جنهن صورت ۾ وڏن بادشاهن ۽ سردارن جو دستور آهي، ته جڏهن ڪو بـ حاڪم يا شهزادو انهن وٽ مدد وٺڻ ايندو آهي، انهن خوشيءَ سان اُن کي مدد ڏيندا آهن ۽ اهڙي مدد ڪرڻ پنهنجو فخر ۽ شان سمجهندا آهن، تنهن صورت ۾ اسان کي به گهرجي، ته بکر جي حاڪم سلطان محمود خان وٽ مدد لاءِ ايلچي موڪلون، جو ڳالهائڻ جو قابل ۽ داناءُ هجي. مرزا جان بابا کي اهو لهراءُ پسند آيو ۽ خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان کي پنهنجي پاران ايلچي ڪري سلطان محمود خان ڏانهن موڪليائون.

## مرزا جان بابا جي طرفان خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان جو ايلچي ٿي بکر ڏانهن وڃڻ.

خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان جڏهن مرزا جان بابا جي طرفان ايلچي ٿي بکر جي حاڪم سلطان محمود

خان ڏانهن ٿي ويا، لڏهڻ وارن ٿي راتي پور ۾ منزل ڪرڻ وقت اچي جي هڪڙي خدا آگاه درويش جي هاڪ ٻڌائون، جنهنجو نالو حاجي درويش هو. خان زمان جو درويشن ۾ گهڻو وساهه هوندو هو، تنهنڪري هو پنهنجن ڪجهه چونڊ همراهن سان گڏجي درويش جي آستاني تي ويو ۽ گهڻي ادب سان اچي اڳيان ويٺو ۽ احوال عرض ڪيائين ۽ ان کان دعا گهريائين:

”حضرتا! ميرزا محمد باقي پنهنجن ڀائرن ۽ عزيزن کي ناحق قتل ڪرائي ۽ اسان کي پنهنجي موروثي وطن کان ڪڍي دربدر ڪيو اٿس، تنهنڪري بکر جي حاڪم سلطان محمود کان مدد وٺڻ وڃون ٿا، توهين ڪا مدد ڪريو.“

درويش ان وقت خدائي عشق جي اهي ۾ چڪنا چور هو، سو بلند آواز سان ٽي ڀيرا چوڻ لڳو: ”ٺٽو توهان جي ۽ ميرزا محمد باقي جي وچ ۾ جهيڙا ناسازي آهي، سا ڪافور ٿي ويندي ۽ توهين سڀ ٺاٺ ڪم ڪڍي ٿي ويندؤ ۽ سارو سنڌ ملڪ سيوي کان سمنڊ تائين هڪڙي حاڪم جي حڪم ۾ ايندو ۽ اهڙو سرسبز ۽ هڪ وجود رهندو، جهڙو (گهوڙي جي اڳيان پيل ساوي گاهه جي مٺ ڪٽي) هيءَ سرسبز ۽ هڪ مٺ ڏسو ٿا.“

خان زمان ۽ ان جا همراهه درويش جا اهي جوش ڀريا لفظ ٻڌي حيران ٿي ويا ۽ ڏري گهٽ

ويساهه ٿي ته هو چون، ته درويش جا لفظ ڪر
سچا ثابت ٿيندا. پر ٿيو آخر ائين، جيئن درويش
فرمايو هو، يعني خان زمان جي سالن ۾ مرزا محمد
باقي جي وچ ۾ ليٽ وس ۾ محبت جو ناتو قائم ٿي
ويو (جنهن اڳتي معلوم ٿيندو) ۽ ساري سنڌ سڻاوين
ورهين تائين هڪڙي حاڪم شهنشاهه اڪبر اعظم
جي حڪومت هيٺ امن امان ۽ سک آرام سان
گذاريو.

درويش کان موڪلائي خان زمان ۽ مرزا محمد سلطان
بکر ۾ سلطان محمود خان وٽ آيا، جنهن انهن کي تمام
گهڻي عزت ۽ تعظيم سان پاڻ وٽ رهايو ۽ حال احوال
ڏئي وٺي ڪالهوء سلطان محمود خان انهن کي چيو،
”ته مون کي ڪوبه فرزند نه آهي. مرزا جان بابا
مون وٽ اچي، ته اُن جي دل جون سڀ مرادون
پوريون ڪريان ۽ ان کي پنهنجو فرزند ڪري پاڻ
وٽ رهايان.“

خان زمان ۽ انجا سائي سلطان محمود خان کان
اجازت وٺي مرزا جان بابا وٽ آيا ۽ سڀ حقيقت اچي
سائنس ڪيائون. تڏهن کان پوء مرزا جان بابا خان زمان ۽
پنهن سائين سان گڏ بکر ۾ سلطان محمود خان وٽ آيو.
سلطان محمود خان مرزا جان بابا ۽ ان جي همراهن کي
گهڻي عزت ڏني. ڪجهه وقت مهمان نوازيءَ جي
حق بجاء آڻڻ بعد سلطان محمود خان هڪڙو پنهنجن

هزارن جو لشڪر مرزا جان بابا کي ڏنو، جنهن ۾ همدان سردار به همراهه ڪري ڏنائينس.

١- محمد بيگ ارغون، جو ڪنهن ڳالهه تان مرزا محمد علي ترخان کان ناراض ٿي سلطان محمود خان وٽ اچي رهيو هو. ٢- زين العابدين سلطان، جو سلطان محمود خان جو سهرو هو. ٣- حيدر سلطان.

## مرزا جان بابا ۽ جان زمان جو بکر کان ٺٽي ڏانهن اچڻ

جڏهن سلطان محمود خان جي ڏنل پنج هزار لشڪر سميت مرزا جان بابا ۽ خان زمان فتح باغ شهر ۾ اچي فتح ڪئي، انهيءَ مهل مرزا محمد باقي کي به خبر پئجي وئي، سو پنهنجو وڏو لشڪر ٻيڙين ۾ چاڙهي، اچي فتح باغ کي ويجهو پهتو. ٻنهي لشڪر جي وچ ۾ فقط ريڄ واهه هو. جڏهين ٻنهي طرفن جا لشڪر هڪ ٻئي سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا، تڏهين مرزا جان بابا ۽ انهيءَ همراهن صلاح ڪئي، ته "جنهن صورت ۾ اسين ۽ مرزا محمد باقي هڪ ٻئي سان آمهون سامهون هتي موجود آهيون، تنهن صورت ۾ اسانجي هيٺان جيڪو به ملڪ آهي، سو اسانجي ملڪيت سمجهڻ گهرجي. اسان کي گهرجي، ته انهيءَ ملڪ جي جدا جدا ڳوٺن ۾ پنهنجا حاڪم مقرر ڪريون جي رعيت کان ڍل وصول ڪن، جا اسانجي لشڪر جي خرچ ۾ ڪم اچي."

انهيءَ ٺهراءَ موجب خان زمان کي اصرار روانو ڪيائون، ان ڳوٺن ۾ پنهنجن حاڪمن مقرر ڪرڻ ۽ ڍل جي وصوليءَ جو بندوبست ڪري. انهيءَ وچ ۾ بکر کان خبر آئي، تہ شهنشاهه اڪبر اعظم جو لشڪر بکر ۽ انجي آسپاس اچي ڪڙڪيو آهي. اها خبر ٻڌي سلطان محمود خان جو ذال لشڪر مرزا جان بابا کي جواب ڏئي اماڻو، چي "اسين پنهنجي حاڪم جي ملڪ بچائڻ لاءِ بکو وڙهنداسون ۽ هيءَ ڪڙو ٻال بہ نہ ڏينداسون." مرزا جان بابا انهي لشڪر کي گھٽائي لڳا وڏا ۽ زور لاٿا، پر لشڪر وارن انجي ڳالهہ نہ ٻڌي ۽ هڪدم جنگ جو ميدان ڇڏي بکر ڏي هليا ٿي ويا. انهن ٿي مرزا جان بابا بہ واهہ نہ ڏني، انهن کي هن ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ هتان ڪڏجي ولڳ ٻوڳجي ڏانهن هلون ۽ ولڳ کان وٺي عمر ڪوٽ تائين ملڪ ۾ ڦرلٽ ڪري ساڄا ٿي پوءِ پو ٻاهرو ٻکر ڏي هليا هلون. مرزا جان بابا، خان زمان ڏي خط لکي موڪليو، تہ اسين ولڳ ڏانهن وڃون ٿا ۽ توهين بہ اچي اسان سان اچي ملو. ميدان خالي ٿي وڃڻ ڪري مرزا محمد باقي پنهنجي لشڪر سميت موٽي ٺٽي ۾ آيو.

## خان زمان جو ولڳ ڏي روانو ٿيڻ ۽ وات تي سخت تڪليفون ڏسڻ.

خان زمان کي جڏهن مرزا جان بابا جي ولڳ

جو اثر ۽ اڃان بدن ۾ هوس، تنهنڪري ٿڪ ڀڃڻ لاءِ پاڻ ۾ گهڙي غسل ڪيائين. پر نه جو پاڻي هو ٿڌو ۽ هوا به ٿڌي پئي لڳي، بدن ۾ ٿڪل هوس، سو بدن اهڙو لمس ٿي پيس، جو گهوڙي تي چڙهڻ جي طاقت ئي نه پهو ساري سگهيس. آخر جيئن تيئن پاڻ کي دل کي همٿائي گهوڙي تي چڙهڻ جو ارادو ڪيائين، ته ڪنهن به طرح همراهه همت ڪريان. ڏينهن جو خراب، اونداهين راتين جو گهوڙو ڊوڙائيندو ڊوڙائيندو هڪڙي ڳوٺڙي کان اچي لنگهيو. ڳوٺ کان ٻاهر هڪڙي ٻني ڏٺائين، جنهن تي هڪڙي هاري هڪل هوڙ ٿي ڪڍي. هاريءَ کان پڇيائين ته هي ڪهڙو ڳوٺ آهي؟ هاريءَ چيو ته هن ڳوٺڙي جو نالو فلاڻو آهي. اگهم ڪوٽ هتان باقي تمام ٿورو پنڌ آهي.

خان زمان کي اڳئي خبر هئي، ته اگهم ڪوٽ ۾ مرزا محمد باقي جو لشڪر مير شمس ڪشميري جي سپه سالاري هيٺ رهي ٿو. خان زمان کي هيڪاري گهڻو فڪر ٿي پيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هڪڙي اڪيلائي، ٻي ٻي ٿورائي، ٽيون وري اهڙي هنڌ اچي نڪتو آهيان، جو دشمن جي لشڪر کي نزديڪ آهي ۽ ونگ جتي مون کي پهچڻو آهي، سو ته هتان تمام گهڻو پري آهي. آخر خيال ڪيائين، ته نصرپور پرڳڻي جي هنڱورن ڳوٺ ۾ ڪنهن طرح وڃي پهچان ۽ اتي جي رئيس هوتي هنڱور، جو دوست ماڻهو

جي تنگ ٿيل حالت ۽ اڪيلائي تي ڏاڍو ارمان ٿيو
۽ عرض ڪمائيندس ته منهنجن غريباڻن ڪکن ۾ هاڻي
آرام ڪريو. خان زمان چيو ته مرزا محمد باقي جو لشڪر
اڳهين ۾ ويٺو آهي انهن ڪري اسانجو هت رهڻ ۽ ترسڻ
صلاح ڀري ڳالهه نه آهي. هتي جي وڏيري رئيس درس
کي اسانجي هتي اچڻ جي خبر ڏيو. اهو جيڪڏهين
اچي اسانجي سلامتيءَ جو ذمو کڻي، ته پوءِ هن ڳوٺ
۾ اچي ڏينهن رهي آرام وٺون. واڻيءَ هڪدم رئيس
درس کي وڃي خان زمان جي اچڻ جي خبر ڏني.
خبر ملڻ شرط رئيس درس گهڻيءَ حب مان ڊوڙي
آيو ۽ خان زمان کي نهايت ادب ۽ تعظيم سان مليو ۽
ان کي چيائين ته توهين بي خوف ۽ بي ڌڙڪ اسانجي
ڳوٺ ۾ رهي آرام واريو. اميد آهي، ته توهان جو وار به
ونگو نه ٿيندو.

تنهن کانپوءِ خان زمان ٻه ٽي ڏينهن ان ڳوٺ ۾
رهي آرام ورتو.

انهن ڏينهن ۾ انهيءَ ڳوٺ ۾ اناج جو اهڙو ڏڪار
هو، جو ماڻهن کي گوشت تي گذارڻ ڌاران ٻيو ڪو به
رستو ڪونه هو. خان زمان به اهي ٻه ٽي ڏينهن انهي
ڳوٺ ۾ فقط گوشت تي گذاريو ٽي ڏينهن ان ڳوٺ ۾
رهڻ بعد خان زمان واٽ ڏانهن روانو ٿيو.

اتفاقا لاڪارڻ سمو، جو مرزا جان بابا جو ملازم
هو، جنهنجو احوال مٿي بيان ڪري آيا آهيون، سو ڳچ

جمعرن ماڻهن، سميت خان زمان سان ملاقي ٿيو ۽ ٻئي گڏجي ونگه ڏانهن روانا ٿيا. بيابانن ۾ سارو ڏينهن پنڌ ڪندي رات جو رڻ پٽ ۾ منزل ڪيائون، نه اچي سخت برسات پيئي. ساري رات اڪن جي وڻن ۾ بکيا ۽ بي آراميءَ سان گذاريائون. صبح جو اتان روانا ٿيا. پر خان زمان جي همراهن کي بک اهڙو بي تاب ڪري ڇڏيو هو، جو اڳتي هلڻ جي همت ئي باقي نٿي ساريائون. اتي اوچتو هڪڙي ڍڳي جا پير لڳل نظر آيا. خان زمان همراهن کي اتي ترسائي، پاڻ گهوڙي تي چڙهي، ان ڍڳي جي پيرن جي نشان تي هلندو ويو. آخر اهو ڍڳو وڃي ڏٺائين، جنهن کي ذبح ڪري ان جو گوشت گهوڙي تي هنئي ۾ ٻڌي، پنهنجن همراهن سان اچي مليو ۽ گوشت ڪباب ڪري ونڊي ورڇي کاڌائون تنهن کانپوءِ اڳتي هلڻ جهڙا ٿيا.

خان زمان اهڙن سخت تڪليفن ڏسڻ ڪري البت ويچار ۾ پئجي ويو، ته هنن مشڪلاتن جي پڇاڙي خبر نه آهي نه ڪهڙي ٿيندي! دلاتن سڃ. جيئو آهي، نه مرادن جي منزل اهو ئي ماڻهو، جو همت ۽ جاکوڙي سان نامراديءَ جو ميدان جهاڳي وڃي پار پوندو. ڏکن پٺيان ئي سک آهن.

خان زمان بيابانن لتاڙيندي، پنهنجن همراهن سميت اهڙي هنڌ اچي پهتو، جتي راڻي ڪوٽ جي منزل هئي، جتي ميرزا محمد باقي لاءِ مددي لشڪر وٺي

پٺي ويو. جنهن ته خان زمان جو ٻاڏڙو لاڳاپو راڻي ڪرن
سان هو، تنهن ڪري لاڪاوس سمي ۽ پنهنجن همراهن
کي هڪ ٻاسي وهاري، ٻاڻ لنگهي ويو راڻي ڪرن
وٽ. راڻو ڪرن خان زمان کي گهڻي تعظيم ۽ عزت
سان مليو ۽ ڪاڌ خوراڪ ان جي اڳيان حاضر ڪيائين.
خان زمان چيس ته مون سان ٻيا به همراهه آهن، جي
ٻيڪ ۾ ٻاهر ٿي رهيا آهن. همراهن جو اهو حال ۽ آڻ
وڌي ڪاڌ خوراڪون ڪاوان ۽ سڀو السامع کان ٻاهر
ڪم ڇڏيو.

راڻي ڪرن چيو ته اهي همراهه ڪير آهن ۽ توهان
سان ڪڏهن هٿ چڙهيا؟ خان زمان چيو، ته اهي
سڀ مرزا جان بابا ترخان جا نوڪر آهن، تنهن ڪري
اوهان کان ملاحظو پيا ڪن. راڻي ڪرن چيو، ته
جيڪڏهن اسان جا هزار دشمن توهان سان گڏجي
اسان وٽ ايندا، ته به بي خوف ۽ بي خطر رهندا.
توهين پنهنجن همراهن کي بيشڪ وٺي اچو. خان زمان
پنهنجن همراهن کي راڻي ڪرن جي منزل تي وٺي
آيو. راڻي ڪرن سڀني آيل مهمانن کي چڱيءَ طرح
کارائي پياري خوش ڪيو. تنهن کان پوءِ خان زمان
پنهنجن همراهن سميت راڻي ڪرن کان موڪلائي
ولڪ، ڏاهن روانو ٿيو. روانگي ٿيڻ وقت راڻي ڪرن
خان زمان کي چيو ته جيڪڏهن مرزا جان بابا ٻاڪر
وارسيءَ کي "راڻي" جو خطاب ته ڏنو هجي، ته آءٌ

اوهان جي معرفت مرزا جان بابا جي خدمت ۾ هلڻ لاءِ تيار آهيان. اهڙيءَ صورت ۾ آءٌ مرزا محمد باقـــي ڏانهن روانو ٿيان ٿو.

خان زمان راڻي ڪرن کان روانو ٿيو. اُنهيءَ بعد اٺين ڏينهن تڪليف واري مسافري ڪئـــي، تنهن کانپوءِ وڃي ولنگ ۾ پهتو.

مرزا جان بابا ۽ جهڙي همراهه گورخرن جي شڪار واري ميدان ۾ خان زمان کان وڇڙي ويا هئا، ســـي خان زمان کي ڏسي ڏاڍو خـــوش ٿيا ۽ گهڻي عزت سان اهو استقبال ڪيائون. مرزا جان بابا به خان زمان کي خوشيءَ سان ڀاڪر پائي مليو ۽ خان زمان جـــي سلامت اچي ملڻ جي خوشيءَ ۾ هڪڙي وڏي مجلس ڪيائون. مجلس ۾ جتي ســـب عملدار ۽ سپاهي، امير ۽ نوڪر اچي گڏ ٿيا، اتي مرزا جان بابا خـــان زمان کان سندس تڪليف ڀرئي سفر جو سربستو بيان ظاهر ڪرايو. انهيءَ بيان ۾ راڻي ڪرن سان ملاقات، انهي مهرباني ۽ انهي خواهش جو ذڪر به ٿيو. مـــرزا جان بابا مير ڪســـڪ ارغون ۽ پنهنجن همراهن ڏانهن نهاري چيو ته جڏهين راڻي ڪرن اهو اراده ڏيکاريو آهي، تڏهن بهتر آهي تـــه اُن کي خان زمان پاڻ سان همـــ وٺـــي اچي.

خان زمان کي ولنگـــ ۾ اچڻ سان معلوم ٿيو، تـــه

۾ آيا، تڏهين مرزا جان بابا کي دل ۾ اچي پئي، ته بکر ٿاٿين سلطان محمود خان جي لشڪر سان گڏجي وڃڻ بهتر نه آهي. اهو خيال خان زمان سان ظاهر ڪيائين، سو به انهيءَ راءِ ۾ ساڻس شامل رهيو. باقي صلاح مصلحت بعد هيءَ تجويز ڪيائون، ته جو ٽمچا ماڻهو هميشه اسان سان دوستيءَ جو دم ڀريندا آهن، انهن کي انهن سان ملڻ جي بحالي ڏي سلطان محمود خان جي لشڪر کان ترڪي وڃون.

مرزا جان بابا ۽ خان زمان پنهنجن خاص ماڻهن سان گڏجي جوٽيجن ڏانهن وڃڻ جو اراده ظاهر ڪيو سلطان محمود خان جي لشڪر گهڻوئي زور ڀريو، ته اسان سان گڏجي بکر ٿائين هلو پر خان زمان ۽ مرزا جان بابا انهن سان گڏجي بکر ڏانهن نه ويا. مرزا جان بابا ۽ خان زمان جوٽيجن جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا ۽ سلطان محمود خان جو لشڪر ۽ ان جا خاص امير وڃي بکر پهتا. سلطان محمود خان کي جڏهن خبر پئي، ته مرزا جان بابا بکر اچڻ کان انڪار ڪيو آهي، تڏهين ڏاڍي چڙ آيس ۽ سمجهيائين ته اها سموري حرڪت ميرڪ پوڪ ارغون جي آهي، انهيءَ ڪري ان کي شهيد ڪرائي ڇڏيائين.

## مرزا محمد باقي جو مرزا جان بابا جي پٺيان پوڻ ۽ نصرپور ۾ اچي منزل ڪرڻ

جڏهن مرزا محمد باقي کي خبر پئي، ته مرزا

جان بابا والده کان وٺي نصرپور ڏانهن ملڪ ۾ ڦرلٽ ڪري نصرپور جي آسپاس جوڻيجن ماڻهن سان اچي شامل ٿيو آهي، تڏهين ٽيهه مان وڏو لشڪر ساڻ ڪري نصرپور ۾ آيو ۽ درياهه جي ڪناري سان لاڳو ڪاهي ڪوٺائي، اُن ڪاهيءَ جي اندر ڇانوڻي ڪري ويٺو. ان وقت مرزا محمد باقي جي طرفان حبش خان نصرپور جو حاڪم هو.

مرزا جان بابا جڏهين مرزا محمد باقي جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن جوڻيجن ۽ اتڙن کي گڏ ڪري ٻاڻ سان همراهه ڪيائين ۽ نصرپور کان وڃي ڪره پوري برهمڻ آباد قلعي جي ڀرسان مقابلو ٿيو ٻروٽ ۾ وڃي رهيو. ان وقت ڪي مغل مرزا محمد باقي جو طرف ڇڏي مرزا جان بابا وٽ حاضر ٿيا. هڪڙي ڏينهن مرزا جان بابا خيال ظاهر ڪيو، ته هي مغل جوان، جي بهادري پيادا پنڌ ڪرڻ جي تڪليف سهي رهيا آهن، تن کي سوار بڻائجي، ته ڏاڍو چڱو. مرزا جان بابا جي انهيءَ خيال پوري ڪرڻ جي ارادي سان هڪڙيءَ رات پنڌرهن همراهه ساڻ ڪري اکن گهوڙن تي سوار ٿي نڪتو. رات وچ ۾ چاليهه ڪوهه پنڌ هٽي سمه ڳوٺ وڃي ڦرياٺون لٽيائين ۽ تمام گهڻو سامان ۽ گهوڙا ڦري لٽي رات جوئي وري مرزا جان بابا جي منزل تي اچي پهتو. صبح جو سڀني بهادر مغلن کي گهوڙا ملي ويا.

صبح جو سج نه قريبن ڳوٺن جا ماڻهو فرياد فرياد! ڪري مرزا محمد باقيءَ وٽ آيا. مرزا محمد باقي لاهاڻ عجب ۾ پئجي ويو ۽ نصرپور جي حاڪم حبش خان کي گهرائي سخت ڇينڀائون ۽ ڇڙٻون ڏنيون ته، توهان جي سپاهگريءَ کي حيف هجي، جو توهان وٽ هيتري عملي هوندي به، هڪڙيءَ رات ۾ خان زمان ٻڪي سر هيتري ڦرلٽ ڪري ويو آهي!

انهيءَ بعد راڻو واڪو ورسي، جو مرزا جان بابا سان همراهه هو، تنهن مرزا جان بابا کي ڀڙڪايو، ته هن وقت عمرڪوٽ تي هلي قبضو ڪرڻ گهرجي. مرزا جان بابا اها صلاح قبول ڪري، پنهنجو لشڪر وٺي عمرڪوٽ تي ڪاهي آئي هليو ۽ هاڙهه پرڳڻي ۾ اچي منزل ڪيائين. عمرڪوٽ جو حاڪم راڻو ٻاٽا جي ولد ڪالڪا جي ڏيسر، جو اڳوڻيءَ طرح مرزا محمد باقي سان سچو ۽ وفادار هو، تنهن مرزا جان بابا ڏانهن چٺي موڪليو، ته توهين اسان جا سائين ۽ سچي سردار آهيو ۽ اسين توهان جا تابعدار ۽ فرمانبردار آهيون. مناسب ائين آهي، ته توهين پنهنجي يارن کي ڪي ليک ۽ معتبر ماڻهو موڪليو، ته انهن سان ڪي قول ۽ قرار ڪري پوءِ ساڻن گڏجي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيان.

هوڏانهن وري مرزا محمد باقي ڏانهن پيغام موڪليائين، ته مرزا جان بابا پنهنجي لشڪر سميت

خان زمان پهلوان ٿيو اچي. تنهن کي ميرزا محمد باقي هوشيار رکيو. خان زمان ۽ مير مذاق سدا هاڙهه جي ميدان ۾ آيا. اچي ڏسن ته ميرزا جان بابا ۽ سندس لشڪر جو پترو نه آهي، مگر ميرزا محمد باقي پنهنجي لشڪر جا ٻيا ماڻهو چڙو چڙ ڪري ڇڏيا آهن، باقي ٻارهن تن سون ماڻهن سميت گهوڙي تي سوار ٿيو وچ ميدان ۾ بيٺو آهي. خان زمان پهريائين ارادو ڪيو ۽ نه جيڪي همراهه پاڻ آهيون، سي ميرزا محمد باقي سان جنگ ڪريون. نه ته ميرزا جان بابا جي ڏورائي ۾ ايندا سون، پر پوءِ سمجهائون ته جيت پڪي ناهي، الٽي پڇڪم ور نام جو. تنهنڪري پنهنجن همراهن سميت الان ڪري تي وڌو ۽ ميرزا جان بابا کي گهوليو وڃي، هٿ ڪيائين. تنهن کانپوءِ ميرزا جان بابا ۽ خان زمان الڙن جي گهوٽ ۾ وڃي رهيا ۽ گهڻو ڏينهن الي رهيا ٻيا هئا.

## پنهنجي ماروت جي شاديءَ ۾ خان زمان جي درياهه دلي

ارڙن جي گهوٽ ۾ رهڻ وقت رام ٻاٽي، جو خان زمان جي ماسي جو پٽ هو ۽ تمام بهادر جوان ۽ هر قسم خان زمان سان گڏ گذاريندو هو، تنهن شاديءَ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. خان زمان کي رام ٻاٽيءَ جي شاديءَ جي سر انجاميءَ لاءِ ضرور ان سان گڏجي وڃڻو هو، انهيءَ ڪري ميرزا جان بابا کان اجازت وٺي رام ٻاٽيءَ

قدر ڪيائون، جو سيڪو رام پٽيءَ جي اڪي ۽ ناموس
ڳائيندو رهيو ۽ ويچو ڏهٽي قدر اچي ۽ شرمندو ٿيو.
ڪجهه وقت انهي گذرڻ بعد خان زمان سوڀن جو هڪ
هزار لشڪر ساڻ ڪري موٽي موٽيو

## خان زمان جي ماڻهن جي قرلٽ ۽ سانڌن جي ساڻن جنگ

خان زمان جڏهن سوڀن جو لشڪر ساڻ ڪري پٽي
ويو. تڏهن هڪڙو اڻ آزمودگار سوڀو ٻهڪيو گهوڙو
لشڪر ڏسي لاف هڻڻ لڳو، ته ٻڪر ڪان وٺي سنڌ
جي ڏاڪڻين چوڙي ماڻين آهن؛ پيو لشڪر ٿي ڪوڙ
او سمجهڻون؛ جو اسان جي لشڪر سان مقابلو ڪري
سگهي. اها لاف ٻڌي خان زمان الهي سوڀي کي
گهوڙو ڇڏيو. رات جي خان زمان جي لشڪر سميجا
قوم جو چوپايو مال ٻه ڪاهيو ۽ سالد قوم جي ماڻهن
جو چوپايو مال ٻه ڪاهي هليا ويا ته انهن جڏهن مال
جي ڏٺين کي خبرون پهچايون، تڏهن سالد قوم
جو سردار مداهي خان سميجن ۽ سالدن جو وڏو ڪٽڪ
(ڪي گهوڙي سوار، ڪي شتر سوار ۽ ڪي پيادا)
ساڻ ڪري سوڀن جي لشڪر پٺيان پيو ۽ سوڀن
سان اچي سخت جنگ جوٽيائين. سميجا ماڻهو خان
زمان جا واقف هئا ۽ ان کي اڳئي پنهنجي وفاداري
ڏيکاري چڪا هئا، تنهن ڪري انهن کي ڏسي

خان زمان هڪ طرف اڪي ٿي رهيو. سميجن ۽
سالارن سوڍن سان اهڙو ڪم ڪيو، جهڙو ٻڙو ڪري
ٻارن سان. دوده ولد سيدل سوڍي بهادريءَ سان
نيزه بازي ڪئي، پر انجو گهوڙو زخمي ٿي پيو،
تنهن ڪري هٽي ويو. سوڍن جڏهن ڏٺو، ته اسانجي
نا آزمودگار همراهه واري وات لي هيڊل لاف هڻي ٿي
اسان کي رنگ ڏيکاريا آهن، اڄتي ته الائي ڇا ٿيندو
سي ڊوڙي آيا خان زمان وٽ ۽ اچي چيائون ته
هاڻي مهرباني ڪري اسان جي رهي کهي آبرو بچايو،
نه ته باقي رهيل لشڪر ڪٽون ٽڪي ويندو.
تنهن تي خان زمان پاڻ سوڍن جو اڳوان ٿي سميجن
۽ الدن سان جنگ ڪئي ۽ انهن جا ڪيترائي ماڻهو
ماريائين ۽ ڦٽيائين. سميجن جڏهن ڏٺو، ته خود خان
زمان اسان کي ماري رهيو آهي، تڏهن مداهي خان
سالار جنهنجي جهولي دوستي خان زمان سان هئي،
سو ونس اچي چوڻ لڳو، ته صاحبا! توهين اسان کي
سڃاڻي ڄاڻي قتل ڪري رهيا آهيو، يا سڃاڻو ٿا
ڪونه ٿا؟ خان زمان مداهي خان جو آواز سڃاڻي ورتو،
ته اسان اوهان سان وڙهڻ جي بجر ڇڏي ۽ اوهين
پنهنجي چوپائي مال تان دست بردار ٿيو. سميجا ۽
سالار خان زمان جو اهو فيصلو قبول ڪري پوئتي
هليا ويا ۽ خان زمان الڙن جي ڳوٺ ۾ مرزا جان بابا
سان اچي گڏيو.

## بکر جي حاڪم سلطان محمود خان جي ٺٽي تي ڪاهه ۽ خالي هٿين بکر ڏي موٽڻ

بکر جو حاڪم سلطان محمود خان ٺٽي لـــي ڪاهه ڪرڻ جي ارادي سان بکر مان روانو ٿيو ۽ سيوهڻ ۾ اچي منزل ڪيائين. اتان مرزا جان بابا ڏي ماڻهو موڪليائين، ته اسين پهريائين نصرپور تائين آياسون ۽ موٽي وياسون. وري ترخانن جي مدد لاءِ لشڪر موڪليوسون، پر مقصد حاصل نه ٿيو. هاڻي بنياد واري ڳالهه جو ويچار ڪري، اسان ٺٽي لـــي ڪاهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. ترخانن کي گهرجي، ته هت اسان وٽ اچو ته گڏجي ٺٽي تي حملو ڪريون ۽ مرزا محمد باقي کان سڀ بدلا وٺون. ٺٽو فتح ڪري ترخانن جي حوالي ڪجي.

اهو پيغام پهچڻ تي مرزا جان بابا پنهنجي همراهه مير مذاق کي سلطان محمود خان ڏانهن سيوهڻ موڪليو، انهيءَ لاءِ ته حقيقت معلوم ڪري اسان کي خبر ڏئي. مير مذاق سيوهڻ ۾ سلطان محمود خان سان وڃي مليو ۽ اتان مرزا جان بابا ڏانهن خط لکيائين، ته سلطان محمود خان دل جان سان ترخانن جو خير خواهه آهي ترخانن کي هڪدم هت اچڻ گهرجي. انهيءَ خط پهچڻ شرط مرزا جان بابا پنهنجن همراهن سميت اتان جـي ڳوٺ مان روانو ٿيو ۽ سيوهڻ جـي آمهون سامهون سنڌو

اُتا اُتي ٻئي ڪٽي. انتري ۾ اوچتو ئي ڪان خبر آئي ته شهنشاهه جلال الدين اڪبر جو لشڪر وري به بکر تي ڪاهي آيو آهي. انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط سلطان محمود خان مير ٻني عليه الرحمة جي مقبره تان سڌو بکر ڏي روانو ٿيو.

## مرزا محمد باقي جي لشڪر جو مرزا جان بابا جي پٺيان پوڻ

مرزا جان بابا جڏهن ٻڌو، ته سلطان محمود خان بکر ڏي هليو ويو، تڏهن ملڪ ۾ ڦرلٽ ڪرڻ شروع ڪيائين. اصرپور تائين ملڪ ائين تاراج ڪري جهنجن جي ڳوٺ جي پرسان ڀاٽ ٽالي ٻدلي جي ڪناري تي ڇانوڻي هڻي ويهي رهيو.

جڏهن مرزا محمد باقي کي خبر پيئي، ته سلطان محمود خان بکر ڏانهن هليو ويو آهي ۽ مرزا جان بابا ملڪ ۾ ڦرلٽ مچائي ڏني آهي، تڏهن مير يادگار مسڪين ترخان جي سپه سالاريءَ هيٺ ٽي هزار لشڪر مرزا جان بابا جي پٺيان روانو ڪيائين ۽ حبش خان کي به مير يادگار مسڪين جو همراهه ڪري موڪليائين. جڏهن اهو لشڪر اڳهم وٽ پهتو، تڏهن رئيس ڪرن هنگوري اها خبر خان زمان کي پهچائي. مرزا جان بابا ۽ خان زمان صلاح ڪئي ته لشڪر جو جلوسي دستو مقرر ڪجي، جو چوطرف ڦرلٽ ڪري

۽ دشمن جي لشڪر بابت خبر چار ولندا رهيا. اهو ٺهراءُ ڪري پنهنجن پنجن سون ماڻهن سان جاسوسي دستو مقرر ڪري ڪاهيون، نه ڪري ماڻهو الهيءَ دستي ۾ شامل اچڻ لاءِ عام نه ٿيو هئي، چاڪاڻ جو شاهي لشڪر جا گهوڙا ٿوري ڪاڏي ۽ گهٽي پوڙهڪ ڪري اڪيل ۽ ارا ٿي ويا هئا. آخر خان زمان پاڻ الهيءَ دستي جي اڳوان ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو، انهن گهڻ سپاهي الهيءَ دستي ۾ شامل ٿيا. خان زمان جاسوسي دستو ساڻ ڪري اڪيو. نهرباڻن ٺوڙڪي ڳوٺ ۾ آيو، جتي سندس والد محمد قاسم بيگ لار جي لڙائيءَ هئي. اهو جڏهن جو ڏينهن ۽ جڏهن جو ڏينهن هو، تنهنڪري خان زمان سالگره پڻ ۾ غسل ڪري پنهنجي پيءُ جي لڙائي جي زيارت ڪئي ۽ الي جي وڏيري جهڪي طعام رڌي مهمانيءَ طور پيش ڪيا هئا، سي پنهنجن سپاهين ۾ ٺهي والد پانڻن ورهائين. نه مرزا محمد باقي جو هڪڙو جاسوس نه بدليل ويس ۾ الي آيو ۽ انهيءَ طعام مان حصو ولي هليو ويو، جنهنجي سمڪ خان زمان جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪاڻ نه پئي.

ماڻي ڪاڻڻ بعد ڪاڙهي اچڻ مهل خان زمان ٺوڙڪي ڳوٺ کان نڪري ٺليڄ ڳوٺ ۾ آيو، جو سندس اصلي وطن هو. ڳوٺ جي ماڻهن وطن جي چار ۾ بي اوار ڪئي سڀ پيو، چاڪاڻ جو اهو ڳوٺ ڪي سندس پنهنجو هو، تنهنڪري دشمن جي لشڪر

اچڻ جو ڏپ ني ڪو نہ هوس. سندس همراهہ ٽڙ وچڙ
ٿي ان ڳوٺ ۾ جدا جدا هنڌن وڃي رهيا.

مرزا محمد باقي جي لشڪر جو چالاڪ جاسوس، جو ٺوڙڪي جهہ منزل تي خان زمان ڪان رڌو پڪو طعام وٺي ويو هو، سو سنڌ شاهہ گهر جي وڃهو جهرا ي پہلہ لي آيو، حتي ان وقت مرزا محمد باقي جي لشڪر جي منزل هتي ۽ اهو رڌو پڪو طعام مور ياد دار مسڪين ۽ حبش خان جي اڳيان رکي عرض ڪيائين تہ خان زمان فقط پندرهن سوارن سان فلاڻي هنڌ ويٺو آهي ۽ اوهان جي ويجهي اچڻ جي ڪا بہ خبر ڪا نہ اٿس.

حبش خان، جنهن کي خان زمان سان سخت خار هو، چالاڪ جو جڏهن هو لهري جو حاڪم هو، اڏهن هڪ ني واسط ۾ خان زمان اُن جي پرڳڻي جي ستن ڳوٺن ۾ قبض ڪري هليو ويو هو. جنهنڪري مرزا محمد باقي حبش خان کي سخت چڙهيو هو، لهون جي اڳيان مالي جا ڳان آڻي رکيا هئائين ۽ پر خان زمان جو ذڪر بڌي مالي جا ڳان ڦٽا ڪري هڪدم گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ همراهن کي سوار ٿيڻ لاءِ حڪم ڏنائين. حبش خان کي سوار ٿيندو ڏسي مير ياد گار مسڪين بہ سوار ٿيو ۽ ڪالهو سار و ٽي هزار لشڪر تي سوار ٿي اٿي هليو.

جنهن وقت اچان مرزا محمد باقي جي لشڪر جي

چالوڻي جهراڻي پاڻ لي هئي، انهن وقت ڪو شخص
الان اچي لکيو هو، جنهن اوزڪيءَ ۾ خان زمان جي
هڪڙي نوڪر کي، جو اتي ڪنهن ڪم خاطر رهيو
هو، لشڪر جي خبر اچي ڏني هئي، جنهن ڪري
اهو نوڪر اڻس ڪڪري پاڻ ڳوٺ ۾ آيو ۽ خان زمان
کي اچي خبر ڏنائين، ته دشمن جو لشڪر ڦلاڻي هنڌ
لٿو پيو آهي. اهو نوڪر خان زمان ڏي اچڻ وقت
پنوان نهاري ها، ته لشڪر کي پنهنجي پنوان ايندو
ڏسي ها.

نوڪر جي واتان اها خطرناڪ خبر ٻڌي خان زمان
سجاڳ ٿيو ۽ پنهنجن همراهن ڏانهن. جي ڳوٺ ۾ جدا
جدا هنڌن رهيل هئا، ڪٺ ٿيڻ لاءِ اطلاع موڪليائين ۽
پاڻ وضو سارڻ لاءِ نوڪر کي پاڻي کڻي اچڻ لاءِ
حڪم ڏنائين. نوڪر اڃا وضو پئي سارايس، ته ان جي
نظر ڪن ماڻهن تي وڃي پئي، جن ڳوٺ جي اڳوان
هڪڙي شتر سوار تي حملو ڪيو هو. وضو سارائيندڙ
نوڪر خان زمان کي چيو، ته قبلا سائين هي سوار
توهان جا آهن يا ڌاريا آهن؟ خان زمان انهن ڏي
نهاري چيو، ته ابا! اهي اسان جا ڳولائو آهن. ائين
چئي، وضو اڌ ۾ ڇڏي اٿيو. هڪدم تلوار جو پٽو
ڪلهي ۾ وڌائين ۽ تيرن جي ڀٿي ڇيله سان ٻڌائين.
پنهنجي ماروٽ رام پٽي ۽ پنهنجي هڪڙي ٻئي شمن
دوست جي ڏوهٽي اظر علي کي، چيائين، ته اوهين

جو مڙهه الهيءَ همراهيءَ جي ماڻهو جو مٽ ٿ آهي، جا پاڻ هلي مرزا جان بابا سان ڪنداسون. تنهنڪري بهتر آهي، ته پنج ٽي ڄڻا هلي مرزا جان بابا وٽ حاضر ٿيون، پوءِ اتي سڀني همراهن جي جيڪا صلاح هجي، ايئن ڪريون.

خان زمان کي اها صلاح پسند آئي، تنهنڪري پنج ٽي همراهه سلامت اچي مرزا جان بابا جي منزل تي پهتا. رستي تي خان زمان کي سيد عبدالله حسين ٻکري مليو، تنهن کي خان زمان چيو، ته اڳتي نه وڃو، جو پٺيان مرزا محمد باقي جو لشڪر پيو اچي، متان اوهان کي ڪو نقصان پهچي. شاهه صاحب چيو، ته اسانجو الهيءَ لشڪر سان ڪو به واسطو ڪونهي. ائين چئي شاهه اڳتي وڌيو. ڪجهه مفاصلي کانپوءِ مرزا محمد باقي جو لشڪر سامهون ڪڏيس. انهي لشڪر جي سوين سپاهين شاهه صاحب کي شهيد ڪري ڇڏيو.

خان زمان ۽ ٻيا چار همراهه مرزا جان بابا جي منزل تي پهچڻ شرط ڇا ٿا ڏسن، ته مرزا جان بابا اي ڏڪر ٿيو ويٺو آهي، سپاهين جا گهوڙا ڇڪ ڇرندا وتن، طعامن جون ديڳيون چڙهيون پيون آهن ۽ سپاهي ڪو مال ڏاڙي ۾ هٿي آيا هئا، تنهنجي ڇڏائڻ لاءِ ڳوٺاڻن ماڻهن جا ٻه ٽي هزار اتي اچي ڪٺ ٿيا آهن. خان زمان رام پئيءَ کي چيو، ته پاڻ همٿ جهڪڏهين دشمن جي پٺيان اچڻ جي خبر ٿا وٺيءَ

۽ هلائيندا سون، تہ ھي ڳوٺاڻا ماڻھو دلير ٿي ويندا ۽
شايد دشمن جي لشڪر پهچڻ کان اڳي
اهڙي دشمن جو لشڪر ڀڄي پوون.
تنهنڪري هن لشڪر اها ڳالهه پڌري نہ
ڪريون ۽ فقط مرزا جان بابا کي پنهنجي جاءِ سر ڏيون
اهو ٺهراءُ ڪري مرزا جان بابا ۽ اڄي خاص مشيرن
کي خلاصيءَ طرح حقيقت جي خبر ڏنائون. مرزا جان
بابا انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط اهي چڙهيل ديڳون ٻاٽيءَ
۾ ڇڏرائي ڇڏيون ۽ ساري عملي کي ڪوچ ڪرڻ جو
حڪم ڏنو.

خان زمان مرزا جان بابا کي صلاح ڏني، تہ
جنهن ڏهن جنگ ڪرڻ جو ارادو هجيو، ٻاڻ سڀ
هن ٻر واري ٻلي ۾ هلي لڪي ويهون ۽ هي سمورو
چوپايو مال الي ٿي ڪٽي ڇڏيون. پوءِ دشمن جو لشڪر
جڏهن هت اچڻ شرط چوپائي مال ڦرڻ ڪرڻ ۾ مشغول
ٿئي، تڏهن ٻاڻ اوچتو ٻلي مان لڪي مٿس حملو
ڪريون. جي خدا تعالى اسان کي سوڀ بخشي تہ بهتر
۽ خوب، ٻر جي نہ، تہ بہ دشمن جي لشڪر ۾ هڪڙو
ٻائيتال مچي ويندو.

مرزا جان بابا هڪڙو ڳاڙهي ڪاغذ تي لکيل خط خان
زمان کي پڙهڻ لاءِ ڏنو، جو مدد يادگار مسڪين ترخان
مرزا جان بابا ڏانهن لکيو هو. ان خط ۾ هيءُ مضمون
هو. مرزا محمد باقي اسان کي ٺوهان سان جنگ ڪرڻ

لاءِ موڪليو آهي، ان جو ارادو فقط هي آهي، ته بنهي طرفن جا جهيڙا لهن، ماڻهو مري سگهن اوترا چڱا هاڻي صلاح هيءَ آهي، ته، توهين اڳيان هلندا هلو؛ اسين اوهانجي پٺيان پيا ايندا سون مگر جنگ نه ڪندا سون. خان زمان خط پڙهڻ کان پوءِ چيو، مولوي جهڙا صلاح ڏيڻي هئي، سا مون ڏني، آئينده جيڪا اوهان جي مرضي هجي، سا اسان کي منظور آهي.

مرزا جان بابا انهيءَ منزل ڪئي اول صدر جهوڪ جي ڳوٺ ۾ آيو؛ الان هالڪندي (هالا) ۾ آيو. مرزا محمد باقي جو لشڪر ان پٺيان منزل به منزل هلندو پٺي آيو. جڏهن مرزا جان بابا جو لشڪر هالن کان لنگهي ويو تڏهن مرزا محمد باقي جي لشڪر اچي هالن ۾ منزل ڪئي.

خان زمان ڏٺو، ته ٻنهي لشڪرن جي وچ جنگ ته هوندي نه ٺيڪي ڪانهي، ته حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جي سجاده نشين بزرگ کي ڪو اورو ٻلائي مرزا جان بابا جي طرفان رکي ڇڏجي ته بهتر. سو ڇا ڪيائين، جو ٻيهڄي منزل کان رات جو گهوڙي تي چڙهي حضرت مخدوم صاحب جن جي خانقاه جي دروازي تي آيو؛ در کان ٻاهر هڪل ڪيائين، ته حضرت مخدوم صاحب جن جي خادمن مان ڪو جاڳي ٿو؟ جيڪڏهين ڪو جاڳندڙ هجي، ته حضرت مخدوم

## مرزا جان بابا ۽ خان زمان جو راهو ڀونءَ وٽ اچي رهڻ ۽ سيوهڻ جي حاڪم جو مرزا محمد باقي جي طرفان مٿن ڪاهي وڃڻ

اُتي جي ڪوٽ ۾ گهڻو وقت گذارڻ بعد هڪڙي ڀيري مرزا جان بابا ۽ خان زمان گهوڙن تي چڙهي راهو ڀونءَ جي ڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا. سيوهڻ جي حاڪم جولاهه اها خبر ٻڌي درياءَ اڪري راهو ڀونءَ جي ڪوٽ ۾ اچي پهتو. مرزا جان بابا ۽ خان زمان سان فقط ڪوتاڻا ماڻهو همراهه هئا. ساڻن مغل ڪو ورلي هو. ڪوتاڻا ماڻهو اڳرائي ڪري قلعي تي ڪاهي آيا. جولاهه جنهنجي لشڪر ۾ خاص طرح تير انداز، هٿيار بند ۽ اوٺڇي سڀ مغل هئا، تن ڪوتاڻن ماڻهن تي وٺي حملو ڪيو، ته ڪوتاڻا مقابلو ڪري نه سگهيا ۽ اُلٽي ڀڳا. مغل انهن جي پٺيان ڪاهي پيا. خان زمان مرزا جان بابا کي صلاح ڏني، ته هاڻي هت رهڻ صلاح ڀري ڳالهه نه آهي.

بهتر آهي، ته هيئنر پاڻ بچائي نڪري هلجي. وري ڪنهن ٻئي وقت اهو بدلو ونجي. مرزا جان بابا اها صلاح قبول ڪري پنهنجا خاص ماڻهو ساڻ ڪري ڪوٽ کان نڪري اُٿي هليو. مغلن کي اها خبر پيئي، سي مرزا جان بابا جي پٺيان ڪاهي پيا خان زمان ڏٺو ته اڳيان ڀڄندا وڃون ۽ پٺيان مغل ڪاهيندا اچن.

انهيءَ حال ۾ ماڻهو ايران کي ڏسندا، ته اهڙي اسان کي پريشان ڪندا. انهن ڪري ٻه ڪماڻون، جو پنجاهه ماڻهو پاڻ سان ڪري هڪڙي طرف ڏانهن اچي هليو، ته مرزا جان بابا کي باقي رهيل ماڻهن سان ٻئي طرف وڃڻ لاءِ چيائين. انهيءَ مهل وڇوڙو ۾ پهچي ويا، ته خان زمان جي پٺيان ٻئون ايا مرزا جان بابا جي پٺيان؟ هڪڙي جي پٺيان پئا رن، ۽ پوءِ وڃي ٿوري اسالهي پٺيان پوي ته پوءِ ان لشڪرن جي وچ ۾ ڦاسي پونداسون. اهي وچار ڪري مهل پوئتي هٽي هليا ويا. خان بابا وري مرزا جان بابا سان اچي مليو ۽ انهن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيا.

## مرزا جان بابا ۽ خان زمان لاءِ مرزا محمد باقي جي ڪاهه انهن جي ڳوٺ تي

اواب مرزا محمد باقي کي خبر پيئي، ته مرزا جان بابا انهن جي ڳوٺ ۾ رهي، سومهڙ پرڳڻي جي ڪن ڳوٺن ۾ دست اندازي لڳو ڪري ۽ انهن قوم جا ماڻهو ان سان بدل آهن. انهيءَ خبر پوڻ تي مرزا محمد باقي پنهنجي سر وڏو لشڪر تيار ڪري انهن جي ڳوٺ تي ڪاهي آيو. مرزا جان بابا مقابلي جي طاقت ساري ان سگهيو، انهن ڪري ڍال پرڳڻي ڏانهن ڀڄي ويو. خان زمان ۽ غازي ولد ميون انهن ڳوٺ جي ڪٽ پاسي لڪا پيا هئا، باقي سب انهن ته ڏڙي پکڙي ويا هئا.

خان زمان جا ڪهڙا، جو وٽس اڌ لائي مرزا محمد
باقي جي لشڪر ۾ گهڙي ريو. وڃي ڏسي، ته مرزا
محمد باقي هاٿيءَ جي انباريءَ ۾ ويٺو آهي ۽ سندس
چؤ طرف سپاهي ۽ نوڪر اٿس ڦري بيٺا آهن، جيئن
چنڊ کي تارا ڦري بيهندا آهن. خان زمان اڪيلي
لشڪر ۾ هڪڙي گهوڙي سوار کي ننگ کان جهلي،
گهوڙي تان لاٿو ۽ قتل ڪري ڪڍائينس، پر ان جي
رڙين ڪرڻ ڪري ان کي ڇڏي، فقط ان جو گهوڙو
پنهنجي لاءِ همت ڪري آڻي پهتو. ڪمترائي ٻيا
سوار ۽ بندوقن وارا پٺيان پيا، پر هو صاف طرح
لشڪر کان ٻاهر ويو ۽ اچي مرزا جان بابا سان مليو.
نواب مرزا محمد باقي پوءِ الٽان منزل ڪٽي سن
ڳوٺ جي ڀرسان لاکن جي ڳوٺ ۾ آيو ۽ چوڌاري کاهي
کوٽائي اچي وچ ۾ چانوڻي ڪيائين. الٽان هيءُ خط
سلطان محمود خان ٻکر واري حاڪم ڏانهن لکيائين.

## خط

صاف دليءَ وارن دعائون، جنهن روشنيءَ جا
چمڪات عقل وارن جي اکين کي روشن ڪن ٿا ۽
سچائي ڀرئل ساراهون، جنهن مڪرن جي خوشبوءِ
ٻهڪ وارن جي دماغ کي سرهاڻ بخشي ٿي، سي اوهان
صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪري عرض ٿو ڪريان.
ته جڏهن صورت ۾ اوهان صاحبن جي محبت ۽ قرب
جو ٻوٽو منهنجي سڪ ڀريل سچيءَ دل جي زمين ۾

مرزا جان بابا جي ادب ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪٽي ڪيائين ۽ مرزا محمد باقي ڏانهن هيءَ جواب موڪليائين.

## خط جو جواب.

اوهان صاحبن جهڙو نهايت گهڻيءَ محبت ۽ مهرباني ڀريل خط موڪليو، سو سڀوري وقت ۾ پهتو. جنهن جي سڌوري مضمون پڙهڻ سان گهڻي خوشي ۽ راحت نصيب ٿي. دوستيءَ جي مضبوطيءَ ۽ قرب جي سچائيءَ لاءِ اوهان صاحبن جهڪي لکيو آهي، سو لصور و سچ ۽ حق آهي. منهنجي طرفان ۽ صافدليءَ ۽ سچيءَ محبت جو يقين رکندا. اُميد آهي، ته محبت جا باغ ۽ قرب جا چمن هميشه سرسبز ۽ پر بهار رهندا.

ٻيو ته لشڪر جي مدد بابت اوهان صاحبن لکيو هو. ان فرمائش جي تعميل خاطر ٻي هزار لشڪر زين العابدين سلطان ۽ مير مذاق جي سرداريءَ هيٺ موڪلجي ٿو. اميد ته جڏهين اوهان وٽ پهچندو، تڏهن پسنديءَ جهڙي خدمت بجاءِ آڻيندا ۽ مقصد جي بجا آوريءَ لاءِ پوريءَ طرح ڪوشش ڪندا. ٻيو ڪو به ڪار خدمت هجي، ته بنا حجاب لکڻ فرمائيندا.

## سلطان محمود خان جي لشڪر جو مرزا جان بابا ۽ خان زمان تي چڙهي اچڻ

سلطان محمود خان بکر جي حاڪم مرزا محمد باقي

ويچار ۾ پئجي ويا. بالآخر صلاح مصلحت ڪري ٺهرايائون، ته انهن سردارن اسان جون طرحين طرحين خدمتون بجاء آنديون آهن ۽ اسان جي مهمانداريءَ جي حق بجاء آڻڻ ۾ ذري جيتري گهٽتائي نه ڪئي اٿن. هاڻي انهن کي هيءُ خطرناڪ پيغام پهتو آهي، تنهن پٺيان انهن کي هنن ٻنهي ڳالهين مان هڪڙي اختيار ڪرڻي پوندي: يا ته هو دشمن جي اراديءَ موجب اسان کي پاڻ کان الڳ ڪندا، يا ته اسان کي پنهنجي حفاظت ۾ رکي هر قسم جي تڪليف کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيهندا. وقت لائق ۽ مناسب صلاح اها آهي، ته اسين پاڻمرادو انهن کان جدا ٿي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃون، پوءِ جيڪا اسان جي قسمت. ائين ڪندا سون، ته هي اشراف تڪليفن ۽ مصيبتن سهڻ کان بچي پوندا.

اها ڳالهه ڪري، مرزا جان بابا خان زمان کي چيو، ته هاڻي سارو معاملو تنهنجي مرضيءَ ۽ عقل تي ڇڏيل آهي. تون انهن سردارن (علاءالدين ۽ ميان) وٽ وڃ ۽ ساري سڌ انهن کي وڃي پيش ڪر ۽ چوڻ ته اسان کي ڪلي موڪل ڏين. اسان جي مرضي نه آهي، ته اسان جي شومت ۾ اوهان تي ڪا آفت ڪڙڪي. خان زمان جنهن وقت انهن سردارن سان اهو عرض احوال ڪري ويو، تنهن وقت انهن جي ڪچهريءَ ۾ ساري سڌ، جا مرزا جان بابا ۽ پاڻ سڻي هئائين، سا

چوطرف مڙسان ڪار لوڙهو ڏيئي، ان جا ٽي دروازا
ڇڏيا هئا. هڪڙي دروازي تي مرزا جان بابا، ٻئي
دروازي تي خان زمان ۽ ٽئين دروازي تي علاءالدين
اتي هو. سلطان محمود خان جو لشڪر جڏهن اُلهيءَ
لوڙهي کي ويجهو آيو، تڏهن سويو اُٿي، جو اُٿن
جي دستور کان چڱيءَ طرح واقف هو، تنهن لشڪر
کي لوڙهي جي چئن دروازي کان اندر گهڙڻ لاءِ همٿ
ڏس ڪئي، جنهن دروازي ڏانهن دشمن جي وڃڻ
جو جنگ ڪندڙ اُٿن کي گمان ئي ڪونه هو، خير!
سويي اُٿي جي رهنمائي هيٺ سلطان محمود خان جو
لشڪر اُٿن جي لوڙهي ۾ داخل ٿي ويو ۽ سخت
جنگ لڳي. صبح کان وٺي ٻه پهريءَ جي نماز تائين
جنگ لڳي. اُٿن ته تمام چڱي بهادري ڏيکاري پر
اهي، هڪڙو ته ٿورا هئا ۽ ٻيو وري انهن وٽ اهڙا
هٿيار ۽ اهڙو توب خانو نه هو، جهڙو مغل فوج وٽ
هو، تنهن ڪري جڏهن اُٿن وڌيڪ مقابلي جي
پهچ نه ساري، تڏهن مرزا جان بابا کي پاڻ سان
ڪري جنگ جي ميدان مان نڪري ويا. مخالف
لشڪر جا ڪي سپاهي انهن جي پٺيان پيا، پر ڪجهه
به حاصل نه ڪيئون. خان زمان کي به مرزا جان بابا ۽ اُٿ
همراهن جي نڪري وڃڻ جي خبر لڳي هئي، تنهن
ڪري هو پنهنجي سر بهادريءَ سان وڙندو رهيو.
جڏهن ان به ڏٺو، ته وڌيڪ جنگ ڪرڻ جبل سان

مٿو ھيٺو آھي، اُنھن ميدان ۾ مرزا جان بابا جي خبر ورائين، تہ ان جو پتو نہ ڪو لہ پيس ۽ ان اٺ سردارن جو پتو پيس. ٻاڪ کي پنھنجن فقط اُنن ھمراھن سميت لوٽ خالي ۽ نيزہ بازن جـي وچ ۾ گھيري ڇڏيائين. پوءِ نہ خان زمان سپر مٿن کي آڏو ڏيئي، نيزہ بازن جي صف کي چيري پير پيادو لشڪر کان ٻاھر اڪري ويو ۽ دشمن کي گولا ڪرڻ سان نہ ھٿ نہ آيو.

مخالف لشڪر جا جيڪي سپاھي مرزا جان بابا کي گولڻ ويا ھئا ۽ نااميد ٿي موٽيا ھئا، سي رستي ۾ ھڪڙي واھ جي ڪناري تي گھوڙن کي پاڻي پياريندي خان زمان کي نظر آيا. خان زمان ۽ ان جي پيادن ھمراھن تن سان لڙائي ڪري انھن سپاھين کان ٽي گھوڙا ھٿ ڪيا. ھڪڙو گھوڙو خان زمان پنھنجي لاءِ ڪم آندو ۽ ٻہ گھوڙا پنھنجن ٻين ٻن ھمراھن کي ڏنائين. ھاڻي ھي ٽي ڄڻا پاڻ ۾ ٽيئي گھوڙي سوار ۽ باقي پنج ڇھہ ڄڻا ساڻن پيادا ھمراھ. اڳتي ھلندي خان زمان دشمن جي ڪن سپاھين جي قبضي مان ڪي گرفتار ماڻھو آزاد ڪرايا، سي بہ پنھنجن پيادن ھمراھن سان شامل ڪيائين.

ھڪڙي ڪھاڻي جھنگ ۾ الڙن جون اھي عورتون اچي ھٿ ڪيائون، جي دشمن جي فوج کان پنھنجي لڄ بچائڻ لاءِ جنگ لڳڻ وقت ٿي گھر ڇڏي اھي٭

جهنگ ۾ اچي لڪيون هيون. اهي عورتون ڪي به دلداري ڏيئي جهنگ مان ڪڍي با عزت پنهنجي ساٿ ۾ رهايائين. خان زمان پنهنجن همراهن جي ڪاڌ خوراڪ لاءِ ڪٿان چانور ۽ ڪٿان چوپايو مال هٿ ڪري پورت پيو ڪندو هو. مرزا جان بابا کي خان زمان جو تمام گهڻو فڪر هو. اتري پڪ هئس ته دشمن کان پنهنجي جان اڳتي لڪي ويو آهي. سو پنهنجا ماڻهو پکيڙيائين، جي جهڙ جهنگ ۾ خان زمان جي ڳولا ڪندا وتندا هئا. آخر مرزا جان بابا جي هڪڙي ماڻهوءَ اوچتو خان زمان کي اچي ڏٺو، ته پنهنجي منزل تي همراهن سميت خوش خرم ۽ مزي سان وقت پيو گذاري. مرزا جان بابا جو احوال خان زمان کي مليو. ٻئي ڏينهن خان زمان پنهنجن همراهن سميت مرزا جان بابا جي منزل تي وڃي پهتو. جيڪي اڳ عورتون خان زمان سان هيون، سي به مرزا جان بابا سان شامل ٿيل اڳين جون زالون هيون، جي پنهنجن مردن کي امانت سلامت مليون. پوءِ مرزا جان بابا خان زمان ۽ اڳ سردار پنهنجن همراهن سميت وري به ريل پرڳڻي ۾ اچي رهيا.

اتي مرزا جان بابا ۽ خان زمان پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ته مرزا محمد بالي، جو ڪجهه وقت لاڪن جي ڳوٺ ۾ چالوٽي ڪري ويٺو آهي، تنهنجي لشڪر تي شب خون (رات جي وقت اوچتو حملو) ڪجي، پوءِ

جيڪڏهن ڪجهه دير لڳي ها، ته نه ته پل مارجي وڃون.

## مرزا محمد باقيءَ جي ڇانوڻيءَ تي خان زمان جو شب خون (ستي لوڪ حملو)

مرزا محمد باقي سن ڳوٺ جي ويجهو لاکن جي ڳوٺ ۾ چوگرد ڪانڊي ڪوٺالي ۽ وچ ۾ هزارها تنبو ۽ ڇپرا ڇانوڻي بنايو ويٺو هو. اتي ساٿس امير ۽ وزير، لشڪر ۽ عملدار، نوڪر ۽ چاڪر جملي پنجاهه هزار ماڻهو رهندا هوا.

مرزا جان بابا جي مرضي هئي، ته مرزا محمد باقي جي لشڪر کان بدلو وٺجي ۽ ڪنهن حيلي ۽ تدبير سان ساٿس اهڙي ڪا هلت ڪجي، جنهن ڪري خلق ۾ سندس خواري ۽ بي عزتي ٿئي. انهيءَ ڪري خان زمان کي گهرائي، ان کي چيائين، ته تون ڪي جنگي جوڌا ۽ آزمودگار جوان پاڻ سان ڪري مرزا محمد باقي جي لشڪر تي وڃي ”شب خون“ ڪر. خان زمان سياڻو ماڻهو هو، تنهن مرزا جان بابا کي چيو ته اوهين ۽ مرزا محمد باقي پاڻ ۾ پيئر پٽ آهيو. رڳو حڪومت جي ڳالهين تان اوهان جي وچ ناسازي ٿي پئي. اڄ آءٌ اوهان جي حڪم موجب وڃي شب خون ڪريان، جنهن ۾ منهنجي هٿان ڪو اهڙو ڪم ٿي پوي. جو خود توکي نه ڏکيو لڳي. پوءِ اوهين پيئر آهر پاڻ ۾ ڪير

ڪنهن کي ويندا ۽ آءٌ وچ ۾ ٻهڙي ڏرٻن کي ڪڙو ڪي
پولدس، اما ڳالهه منهنجي لاءِ چڱي نه آهي ۽ انهن
ڪري مون کي اهڙيءَ ڪم کان معاف ڪريو.

مرزا جان بابا چيس، اسان جي ۽ مرزا محمد باقي
جي وچ ۾ قيامت تائين به صلح ٿيڻو نه آهي. توکي
جيڪڏهن منهنجي مرضي وٺڻي آهي، ته اهو ڪم
ضرور ڪر. آخر مرزا جان بابا جي زور وٺڻ تي خان
زمان اهڙيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ هام ٻڌي. هو اهڙيءَ شرط
سان ته مرزا جان بابا پاڻ به اسالهي ٻنيان مدد لاءِ
ايندو. مرزا جان بابا چيو، ته تون جڏهين مرزا محمد
باقي جي رهڻ واري خاص ٻنڙي، جنهن کي "لاهرو"
سڏين ٿا، انهن تي جڏهن قبضو وجهي ڪندين ۽
قبضي ڪرڻ جي اطلاع اسان کي ملندي، تڏهين اسين
به اچي توسان همراهه ٿينداسون.

خان زمان پنهنجي عملي مان فقط چاليهه ماڻهو چونڊي
پاڻ سان ڪيا. جن سان کي سندس خاص جهونا
همراهه هئا ۽ ڪي اڃا جوان هئا. جهڙوڪ دودو اڙ،
ڄاري اڙ، طالب اڙ وغيره. مرزا جان بابا پنهنجي
بهادريءَ واري خاص پوشاڪ خان زمان کي پارائي.
خان زمان زره چاليهه تي ٻڪي هول مٿي پر پاتو ۽
خنجر چيلهه تي ٻڌو. جهڙوڪ شب خون جي ڪاروائي
۾ ٿيو ڪمان ڪٽڻ جو ضرور ڪرڻ ٿيندو آهي، تنهن
ڪمان سان دل هوندي هئس ۽ ان کي ڪنهن ..

خان زمان ڇا ڪيو، جو پوڙهيءَ ۾ لوڪر پاڻهن جي راند ڪرائڻ لاءِ جيڪو ڊهل پيو هو، سو پنهنجن ماڻهن هٿان زور سان وڄائڻ شروع ڪيائون. اراده هوس ته ته جان بابا پنهنجي انجام موجب اسانجي مدد لاءِ ضرور واجهيءَ جي ڪ ۾ آيل هوندو، سو ڊهل جو آواز ٻڌي همت اچي اڪري. مرزا جان بابا، جو انجام موجب قلعي جي ٻاهران اچي بيٺو هو ۽ قلعي وارن ماڻهن ساڻس جنگ شروع ڪري ڏني هئي، سو ڊهل جو آواز ٻڌي سمجهڻ لڳو، ته شايد خان زمان گرفتار ٿي پيو آهي ۽ مرزا محمد باقي جو لشڪر اهڙا وڄائيندو اسان تي ڪاهيندو ٿو اچي. تنهن ڪري مرزا جان بابا اتي بيٺي بجاءِ اچي رڻ ڀوڳي ڪان لڳو. مرزا محمد باقي جو ٻروليءَ ۾ چڙهيو پئي ويو، سو انهيءَ ڊهل جي آواز کي مرزا جان بابا ۽ خان زمان جي فتح جو نظارو سمجهي ٻروليءَ کي لڪو هلائيندو ويو.

خان زمان ڪجهه وقت اتي لوسڙ کان پوءِ ڏٺو، ته مرزا جان بابا مدد لاءِ نه آيو، الٽي ڪهڙو اتڪاءِ ٿيس، سو وڌيڪ وقت اتي لوسڙ مناسب نه ڄاڻي پنهنجن همراهن سميت پٺتي موٽيو ته مرزا محمد باقي جو لشڪر مير ملڪ احمد جي سپه سالاريءَ هيٺ اچي سامهون ٿيس. انهيءَ لشڪر سان مقابلو ڪندا، پاڻ بچائيندا اچي آيا، ته پيو لشڪر سانئڏ ته جرڪس

جي همٿ هيٺ ٻيڙان جي طرف کان اچي ساڻن لڙيو. اچا انهن سان مقابلو ڪندا، تان ڀڄائيندا، اڳتي آيا، ته اهو لشڪر سامهون آين، جو مرزا جان بابا کي ريل ڏانهن روانو ڪري موٽيو هو. خان زمان ۽ ان جي همراهن کي هڪڙي پاسي کان ٽن ڏيهن جي لڪ، ٻئي پاسي پهاڙ کي ۽ ٽئين پاسي وري جنگ جي لڳو لڳو. ٽڙ مڙ، تنهن هوندي به، وڏيءَ بهادريءَ سان وڙهندي جهڙيندي، تان ڀڄائي اچي ٻاهر لڪتا. خان زمان به انهن جنگين ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو، پر سر سلامت ڪڍي، اچي ريل پرڳڻي ۾ پهتو. هن موقعي تي خان زمان جيڪا جرات ۽ شير دلي ڏيکاري هئي، تنهنجو ڏاڍو گهڻو اثر مرزا محمد باقيءَ جي دل تي ويٺو. انهيءَ اثر جي ڪري آخر مرزا محمد باقي خان زمان کي راضي ڪري، پنهنجو طرفدار بڻايو، جنهنجو بيان اڳتي ڏينداسون انشاء الله تعاليٰ.

## مرزا جان بابا ۽ خان زمان جو ريل پرڳڻي ۾ گذارڻ.

خان زمان جڏهن پنهنجن اچيل همراهن سميت مرزا جان بابا وٽ ريل پرڳڻي ۾ آيو، تڏهن مرزا جان بابا کي ڏاڍو غصو ۽ ارمان ڏيکاريائين. چاڪاڻ جو هو انجام موجب سندس مدد لاءِ نه آيو هو. مرزا جان بابا حقيقتون ٻڌي ڏاڍيءَ شرمساريءَ ۽ حسرت ۾

ملندو هو، خوش قسمتيءَ سان انهن کي جونبار ۾ اناج
جون اهي ڪوڙيون هٿ اچي ويون، جي مرزا محمد
باقي، پنهنجي فوج لاءِ الي رکايون هيون. پوءِ ائين
جيئن مرزا جان بابا جي ماڻهن جيون، تيئن سندن
گهوڙن جون بکون لهي ويون.

مرزا جان بابا جي بي خياليءَ سبب انهن اناج جي
ڪوڙين مان خان زمان ۽ انجي همراهن کي پورو حصو
نه مليو هو جنهن ڪري خان زمان ڏک پريو ڏوراپو
مرزا جان بابا کي ڏنو. مرزا جان بابا پنهنجو قصور
قبول ڪري، خان زمان کان معافي ورتي ۽ ان سان
عهدا اقرار ڪيائين ته جيڪڏهين خدا تعاليٰ مون کي
ڪا سوڀ ۽ ڪشائش بخشي، ته توکي پاڻ ڪڪري
ڳوٺ ۽ ٻه پرڳڻا جاگير طور ڏيندس ۽ جتي به چالوڪي
ڪندين الي سوڀا ۽ ڳوٺڙا ماڻهو تنهنجي حاضريءَ ۾
ڇڏيندس الهيءَ عهد اقرار جي مضبوطيءَ لاءِ قسم
کنيائين ۽ ويساهه ڏنائين. پر تقدير کي اهي عهد اقرار
پورا ڪرائڻا نه هئا، تنهنڪري مرزا جان بابا جي
پدران اهي نوازشون ورتي مرزا محمد باقي جي هٿان
خان زمان ئي لڌيون.

## مرزا خان بابا، مير يادگار مسڪين ۽ حاجي بيگم جو مرزا محمد باقي هٿان مارجڻ.

نواب مرزا محمد باقي دوراند يش ۽ دانا انسان هو

تنهن حال ڪيو، ته جنهن صورت ۾ سڀ ارغون
مون مان رنج آهن، جنهن ڪري خان زمان به مرزا
جان بابا سان شامل ٿي گهڻي تڪليف پيدا ڪري
رهيو آهي ۽ مرزا محمد سلطان ولد فريبگ به پنهنجن
پاڻن سميت شهنشاه اڪبر اعظم وٽ فريادي ٿي
ويو آهي، سو خبر نه آهي، ته ڪهڙو ڪرڪت پاري
تنهن صورت ۾ بهتر آهي، ته آئون به پنهنجي پاران
ڪا سفارت شهنشاهه اڪبر اعظم ڏانهن موڪلي،
پنهنجو حال احوال عرض رکان ۽ سندس همدردي
حاصل ڪريان. اهو ٻڌي ڀائي مرزا محمد باقي پنهنجي
هڪڙي پياري بيگم، مير يادگار مسڪين نور الله
ترخان، مولانا محمود ۽ ٻين نوڪرن ۽ اوڪرپاٽن
سان امرڪوٽ (محمدآباد) جي رستي دهلي روانو
ڪيائين ۽ پاڻ ٺٽي کان روانو ٿي جونبار پرڳڻي ۾
وڃي رهيو. مرزا جان بابا اڳئين جونبار مان نڪري
ريل پرڳڻي ۾ اتن وٽ وڃي رهيو هو.

حاجي بيگم ۽ مير يادگار مسڪين ترخان اندروني
طرح مرزا جان بابا سان همدرد هئا. تن چيا ڪيو، جو
سن گجوڪ ۾ منزل ڪري مرزا جان بابا ڏانهن پيغام
موڪليائون، ته مرزا محمد باقي اسان کي ڪنهن حيلي
۽ بهاني سان سدن کان ٻاهر ڪڍڻ گهري ٿو. توهين
اسان وٽ اچو، ته گڏجي صلاح ڪريون ۽ مرزا محمد
باقي کان واپس وٺون. مرزا جان بابا انهن جي پيغام

ٻچڻ لي ٻاڻ سان ڏانهن روانو ٿيو، ٻه خان زمان کي
ٻاڻ سان ٻه ٻانڌن. سو هڪڙي جو حال اهو، ته
خان زمان جي هٿان حاجي بيگم جي ڏوهٽي شهزاده
بيگم (مرزا محمد باقي جي اي زال) شب خون وقت
ٻيڙيءَ ۾ قتل ٿي هئي، تنهن ڪري خان زمان کي
ڏسي مبادا حاجي بيگم کي غصو جاڳي پوي. انهيءَ
ڪري مرزا جان بابا خان زمان کي پنهنجي ٻارن
جيسلمير جي راجا اڏو ٻراجه ڏانهن اماڻي ڪري موڪليو
۽ پاڻ سان گڏوڏ ۾ وڃي حاجي بيگم ۽
انجي سالن سان ملاقي ٿيو. حاجي
بيگم، انجا سالي ۽ مرزا جان بابا پاڻ ۾
صلاح ڪري مرزا محمد باقي سان جنگ ڪرڻ جو
پڪو نهرائو ڪري الما. مرزا جان بابا کي جيترو به
لشڪر هٿ اچي سگهيو، اولرو ڪٺيائين ۽ سن ڪان
ٿورن ڪوٽ آيا ۽ الٺان سڌا نڪتي ڪان ٻاهر مڪلي
ٽڪريءَ تي مرزا محمد باقي جي لشڪر سان جنگ
ڪيائون. جنهن ۾ مولانا محمود مارجي ويو، حاجي
بيگم قيد ٿي پيئي، جا قيد ۾ ئي مري وئي، باقي
مرزا جان بابا ۽ ٻين يادگار مسڪين الهي ڪوڪرالا
ڏانهن ڀڳا، جن کي واٽ تي ڪوڙ قوم جي ماڻهن قربو
۽ لٽيو. مرزا محمد باقي سيد مير علي شيرازي کي
روانو ڪيو، ته مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين کي
دلداري ڏيئي وٺي اچ، آءٌ انهن کي ڪا به تڪليف

نه ڏيندس. سيد علي شيرازي ڪڪرالهه مان مرزا جان بابا ۽ سندس يادگار مسڪين کي وٺي آيو. اُهين اِنهي کي لُٽي ۾ هٿ چڙهڻ شرط مرزا محمد باقي ماراڻي ڇڏيو.

## خان زمان جو جيسلمير ڏانهن وڃڻ ۽ اتان ورِي اچڻ.

خان زمان پنهنجن خاص همراهن سان گڏجي، مرزا جان بابا جي چوڻ موجب ان کان موڪلائي جيسلمير ڏانهن روانو ٿيو. هو جيسلمير پهچي، قلعي کان ٻاهران ڍنڍ جي ڪناري تي منزل انداز ٿيو ۽ اتان راجا ڏي چوائي موڪلائين، ته مرزا جان بابا اوهان ڏي سروپا ۽ سوکڙيون موڪليون آهن، جي آءٌ کڻي آيو آهيان، هاڻي جيڪو حڪم! راجا چوائي موڪليس، ته اوهين اِتي ترسو آءٌ سڀاڻي ساعت ۾ پاڻ ۽ اوهان وٽ ايندس ۽ اچي اها سروپاءِ ۽ سوکڙيون وٺندس.

اُن ڏينهن ۾ جيسلمير ۾ پاڻيءَ جو اهڙو سخت ڏڪار هو، جو پاڻي ڏيئي نه، پاڻي مشڪلات سان ٿي ملي ملير ڍنڍون ۽ ترايون نه، سڪيون ٽوٽ ٿي پيون هيون. جنهن رات خان زمان ڍنڍ جي ڪناري تي وڃي رهيو هو، انهن رات اهڙي برسات اچي پئي، جو تلاءُ ۽ ترايون ڀار لڳي ويون ۽ چوڌاري ساوڪ ۽ سبزي لڳي وئي. صبح جو راجا پاڻ خان زمان سان اچي مليو ۽ چيائينس، ته اوهين ڏاڍا سڀاڳا انسان

ڳالهه ٻڌي گهوڙن کي ڀاڄي ٻه ٽه پهاڙيائون ۽ گهوڙا هڪلي سوڍن جا جهڪي اچي پهچايا، سي ڪاهي هڪي منزل ڪري راهواڻ ۾ آيا ۽ اتي اچي گهوڙن کي پاڻي پياري، وري چوٽ ڪمائون ۽ ٻر هاري ۾ آيا. واٽ اتي ٽرسي صبح جو اٿاڻ هلي سنبارا ۾ آيا جتي اتڙن جو راڄ رهندو هو. اتي گوٺ ۾ ٻي ڏ ٻا ٽي رهي ٻيا ۽ جيڪي اٺ ڪاهيائون، سي اتي ڀاڱا ورهائي ڪنيائون.

## راهو پوٽن کان وير ونئڻ لاءِ خان زمان جو حملو

نواب مرزا محمد باقي ٺٽي جا ڪي ماڻهو محمد بن سرويائن سان خان زمان، علاءُالدين اتڙ ۽ عثمان اتڙ ۽ انهن جي ٻين دودي ۽ غازي ڏاهن ڏياري موڪليون چوائي موڪليائون، ته مرزا جان بابا ٺٽي جي حمايتي ۽ جا ڏينهن پورا ڪري ويو ڇاڻي توهين بي خوف ۽ بي خطر رهي اسان سان وفادار رهو. جڏهين نوڪري ڪرڻي هجو ته اوهان جي شان موجب نوڪري ڏينداسون. پر جڏهن ٺٽي جي آستان لڳي رهو، ته ٻه اسين اوهان کي هر طرح مان ڏيندا رهنداسون. اوهين فقط صلح سالت سان گذاريندا رهجو ۽ ٺٽي جي ماڻهن کي امن ۽ صلح سالت ۾ رهڻ جي نصيحت ڪندا رهجو.

خان زمان ۽ ٻيا سردار، نواب مرزا محمد باقي جي ماڻهن کي گهڻي عزت ڏني ۽ انهن جون آندل سوکڙيون پيش ڪيائون ۽ وري به نواب جي ماڻهن کي اعظم سان رواج ڪيائون. انهن جي روانگي وقت ٻيچ پڻ انهن سان گڏجي ويا.

خان زمان پوءِ پنهنجن همراهن کي چيو ته مرزا جان بابا هڪ ڀيرو اهو پوئين کان شڪست کاڌي هئي ۽ هميشه چوندو هو، ته اهو ڏينهن الائي ڪڏهن ايندو، جو اهو پوئين کان وير وٺنداسون. اسان لاءِ مرزا جان بابا مرحوم جي لمڪ جو حق آهي. مناسب ائين آهي، ته اهو پوئين کان مرزا مرحوم وارو حساب وٺون. جيئن ان مرحوم جي روح کي هن جهان ۾ به اهو ارمان نه رهي. سڀني همراهن اها ڳالهه قبول ڪئي. ان وقت سندن جشن لاءِ مرزا محمد باقي وارن موڪليل سوکڙيون پيش ڪيل هيون.

خان زمان ڪل ويهه ماڻهو پاڻ سان ڪري اهو پوئين ڏاهن روانو ٿيو. ارادو هوس، ته وقت تي ڏاهري اٽ کان ماڻهن جي مدد وٺنداسون. جڏهن ڏاهري اٽ وٽ آيا ۽ ان کان مدد گهريائون، تڏهن ان مدد ڏيڻ کان لنوايو ۽ چيائين ته اڳي مرزا جان بابا هيڏو سارو لشڪر وٺي اهو پوئين تي ڪاهي ويو هو، ته به شڪست کاڌائين، سو اوهين ۽ اسين ٿورڙا ماڻهو انهن سان ڪهڙو مقابلو ڪنداسون؟ آءٌ گهڻي ۾ گهڻا ٻه ٽي ا—

سو ماڻهو اوهان کي ڏيئي سگهندس، اُن مان ڇا ورندو؟

خان زمان ڏاهري اهڙو جواب ڏئي پنهنجن همراهن کي چيو، ته موٽڻ مهل جهڙي ڳالهه آهي، تهڙي ڪري ٻه ته ٻارهن. باقي ايترائي ڪافي آهيون، هلنداسون ضرور. پوءِ خان زمان پنهنجا ٻه همراهه ساڻ ڪري راهو پوٽن جي ڳوٺ ڏي وڃي ڪڙڪيو. راهو پوٽن اڳيئي پنهنجو مال درياءَ جي پار ڪري ڇڏيو هو، باقي فقط سٺا مينهون ٻاڻ وٽ جهليون هئائون جي چراگاهه ۾ پئي چريون. خان زمان وڏيري عبدالله راهو پوٽي ۽ ٻين پندرهن ڄڻن کي قتل ڪري انهي مينهون ڪاهي پنهنجن همراهن جي حوالي ڪيون ۽ جيڪي ڏاند هرن ۾ پئي وهيا، سي به ڪاهيائون. خان زمان کي ان پهرن جو ٿوري لٽ ڪرڻ جي عادت هوندي هئي، سو لٽ ڪيائين. ليستائين واهه جي ٻئي ڀر کان راهو پوٽن ۽ اورئين ڀر کان خان زمان جي ماڻهن ٽوپن سان لڙائي پئي ڪئي. خان زمان ننڍ مان جاڳي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو، ته قتل ٿيل راهو پوٽن جون سريون وڍي گهوڙن جي ڪنڌڪن ۾ ٻڌي هلو. پوءِ قتل ٿيل راهو پوٽن جون سريون گهوڙن جي ڪنڌڪن ۾ ٻڌي، مال ڪاهي، خان زمان جا ماڻهو اچي پنهنجي منزل کان اڪتا.

## خان زمان جي چڙهائي ڏيپارجن ۽ سهتن تي

ٿوري وقت ڪلهوڙا اٽن جي زور وٺڻ تي خان زمان پنهنجا همراه ساٿ ڪري ڏيپارجن ۽ سهتن تي ڪاهي ويو. اٽن ڳوٺ ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ گهڻوئي مال اسباب هٿ ڪيائون. خان زمان ڳوٺ جي ٻاهران ٻيٺل گهاٽن اکين ۾ گهوڙو ٽپي دوڙايو، ته هڪڙي زالن جي ٽولي اکين ۾ اڪل ڏٺائين. سيدي زالن هڪ زبان ٿي خان زمان کي اچي عرض ڪئي، ته اسان جن جسمن تي جيڪي به زيور آهن، سي اسين لاهي ڏيون ٿيون. ۾ اسان جي لڄ ۽ ننگ بچاء، جئن ڪو به ڌاريو ماڻهو اسان ڏي نه اچي. هڪڙي پوڙهي زال، انهن زالن جي اڳوان هئي، تنهن کي خان زمان چيو، ته سڀ زيور وٺي، ڳنڍي هن چادر ۾ ٻڌ. پوڙهي مائي سيدي زالن کان زيور وٺي سڀئي چادر ۾ ٻڌا. خان زمان ڪستائين الي ٽرشيو، جنهنڪري سندس همراه ڦرلٽ جو ڪم لاهي، اهي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتا. پوء خان زمان زالن کي چيو، ته هاڻي توهان کي رخصت آهي زالن چيو، هاڻي توهان کي به رخصت آهي.

ان وقت خان زمان زالن کي چيو، ته مائرون! هاڻي هي توهان جا زيور توهان واپس کڻي وڃو. زالن زيورن کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون، ته توهان اسان

جي لڄ ۽ عزت بچائي آهي. انهيءَ احسان ۾ انسبت
اسان جي زيورن جو ملهه ڪجهه به نه آهي مهرباني
ڪري اهي زيور اوهين کڻي وڃو.

خان زمان چيو ته منهنجو دستور آهي ته چئن
قسمن جي ماڻهن کان ڪا به شي نه کسان. الله
لوڪ فقير ۽ درويش ٢. حال بدوش فقير ۽ جوڳي ٣.
منگڻهار ۽ ڪمزور ۴. عام زالون.

مون هي زيور توهان کان ورتا آهن، سي فقط توهان
جي شرافت ۽ اصالت ڏسڻ لاءِ. توهان کي جس هجي
جو عزت ۽ لڄ جي نسبت زيور اوهانجي نظر ۾ ڪجهه
نه آهن. پوءِ ساڳي پوڙهين زال چادر واريءَ هڙ مان
ور ڪڍندي مالڪياڻين کي ڏيندي ويئي. ٽالپر
بيبين کي پنهنجا پنهنجا زيور ملي چڪا ته هن کان پوءِ
خان زمان وري پنهنجن ساٿين سان ملي ۽ ماڻهون
پنهنجن گهرن ڏانهن ويون. موٽڻ وقت خان زمان
جي نامور گهوڙي "مرڪ" کي نانگ ڏنگيو، جنهن
ڪري هو مري ويو. مرڪ سان خان زمان جي
ڏاڍي دل هوندي هئي ۽ اهو گهوڙو هو به ڏاڍو
جرات وارو ۽ جفاڪش. خان زمان ان گهوڙي کي
تورڪي پوش ۾ ساڳي واهه جي ڪپ تي دفن
ڪرائي، انهي مٿان هڪ نهايت عمدو مقبرو ٺهرائي
ڇڏيائين. جنهن مقبري کي "مرڪ" مقبرو سڏيندا
آهن.

## خان زمان جي ڪاهہ لهاري ڳوٺ جي سوڍن تي

جڏهن وقت خان زمان اتڙن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو اُنهن وقت پوپٽ ولد راڻا ڪالڪا پنهنجن ڀائرن ۽ عزيزن کان ناراض ٿي، خان زمان وٽ فريادي ٿي آيو ۽ ان کان مدد اچي گهريائين.

خان زمان ان فريادي ۽ جو داد ڪرڻ مردانگي جاڻي، پنهنجا همراهہ ساڻ ڪري پوپٽ جي ڀٽرائي ڪرڻ خاطر سوڍن تــي چڙهائــي ڪئي. خان زمان جڏهن اصربور پوڳڻي جي هنگورن واري ڳـــوٺ ۾ آيو، تڏهن ڀاڻ ڳوٺ کان ٻاهر لهي پيو ۽ ڳوٺ جي وڏيري هوتي هنگوري ڏانهن ماڻهو موڪليائين، تـــ آسپاس جي خبر پهچائي. هوتي هنگورو مهماني ۽ طور طعام تيار ڪرائي موڪليا، سي کاڌائون، خـــان زمان ارادو ڪيو هو، تہ الي ڪجهہ وقت ترسجي تہ پـــوءِ الان سوڍن جنگ ڪرڻ لاءِ روانو ٿجي. اهتري ۾ اوچتو ئي اوچتو هوتي هنگوري ماڻهو موڪليس، تـــہ توهين جڏهن ڪهڙن کـــان لڪيا هئا، تڏهين اوهان جن وهٽن جا پير ڏسي، الي جي حاڪم ڀانيداس سوڍي، جو مرزا محمد ٻــاقي جــو مقرر ڪيل حاڪم آهــي، پنهنجا سوار اوهان جي پٺيان روانا ڪيا آهــن. اهـــي سوار اسانجي ڳوٺ جي ٻاهران سالگرهہ جي ڪناري

خوف ڪري، ۽ متان منهنجي پاسخاطريءَ خاطر اچي
ڪو وڏو نقصان ۽ اوچالجي هٿان پهچن

## خان زمان جي چڙهائي ساهو هنگوري جي ڳوٺ تي

پوپٽ شودي ۽ اهو همراهن خان زمان کي چئو،
۽ ساهو هنگوري جي ڳوٺ لي ڪاهه ڪرڻ گهرجي،
جو اتي چوپايو مال گهڻو آهي. خان زمان ڪل چوويهه
همراهه ساڻ ڪري، ساهو هنگوري جي ڳوٺ لي
ڪاهي ويو. ڳوٺ جي ٻاهران جيڪو چوپايو مال پيئي
چرو، سو ڪاهي ڇهن همراهن کي ڏنائين ۽ پنهنجي
ستالي ڏانهن ڪاهي هلن. باقي خان زمان پاڻ ويهن
همراهن ساڻ گڏجي، ساهو هنگوري جي ڳوٺ ڏي
ڪاهي ويو. رات جو وقت هو، تنهن ڪري ڳوٺ
جا ماڻهو، ڳوٺ جي چوگرد جيڪو شاهي لوڙهو
ڏنل هو، ان جا در بند ڪري، پنهنجي چوپائي مال
سميت اندر ويٺا هئا. خان زمان ۽ ان جا همراهه لوڙهي
جي چوڌاري ڦريا، پر اندر گهڙڻ جو ڪو به رستو
هٿ نه آين. آخري ۾ اندريان ماڻهو سجاڳ ٿيا، جن
اندران ليون ۽ پٿرن جو وسڪارو لڳائي ڏنو. خان زمان
۽ انجي همراهن نه لير پئي هنيا. ڳوٺ جو وڏيرو
ساهو خان، جنهن پنهنجن همراهن کي اندران بچ پئي
ڪئي، ۽ تير لڳايو، تنهن کي خان زمان جي طرف

ان جي مدد ڪئي هئائون، انهيءَ ڪري هو مرزا محمد
باقي کان گهڻو خوف ڪندا هئا. مرزا جان بابا جي
مرڻ کان پوءِ نواب مرزا محمد باقي جي مرضي هئي،
ته انهن جي دل تان خوف لاهڻ گهرجي. تنهن ڪري
پهرين معزز امير خسرو خان چرڪس کي هزار کن
ماڻهو ڏيئي، انهن جي ڳوٺ ۾ موڪلايائين، جنهن
انهن جي ڳوٺ ۾ رهي نواب مرزا محمد باقي جي
طرفان تسليون ۽ دلداريون ڏنيون ۽ چيائين ته توهين
فقط زمين جي ڍل قاعدي ادا ڪندا رهو، باغي ۽
سرڪش نه ٿيو. انهن کي امير خسرو خان جي
نصيحتن تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ اهي فرمانبردار ٿي رهڻ
لاءِ خاطري ڏني. خان زمان انهن کي چيو، ته توهان
مرزا جان بابا ۽ اسان سان نيڪيون ۽ ڀلايون پئي
ڪيون آهن، تنهنڪري اسين اوهان وٽ رهيا پيا
هئاسون. هاڻي جڏهن اوهان خسرو خان سان وفاداريءَ
جو قول ڏنو آهي، ته اڳتي اسانجو رهڻ صلاح ڀري
ڳالهه نه آهي. ائين چئي، هو امير خسرو خان سان
ملاقات ڪرڻ لاءِ اچي ڇاوڻيءَ ۾ ويو. انهن گهڻوئي
روڪيس، پر هو بي ڌڙڪ ٿي سو امير خسرو خان
وٽ هليو ويو. امير خسرو خان ان کي ڪو به نقصان
پهچائڻ نه ڏنو.

## خان زمان جو بکر ڏانهن وڃڻ

خان زمان کي سندس پيءُ مرزا محمد سلطان بکر

مان خط موڪليو، جنهن لاءِ هو ڀڪر ويو. ڀڪر جي
حاڪم سلطان محمد خان، محمود بيگ ارغون کي شهيد
ڪرايو هو ۽ ٻين ارغونن سان ڀي گهڻو آزار ڪيو هئائين،
جنهن ڪري مرزا محمد سلطان بيگ دهلي جي شهنشاهه
اڪبر اعظم وٽ فريادي ٿي ويو. جنهن سبب فرياد
اولائي محب علي خان ۽ مجاهد خان جي هٿ هيٺ
هڪڙو لشڪر ڀڪر تي چاڙهي موڪليو هو. اڪبر اعظم
جي فرمان موجب محب علي خان ملتان جو صوبو مقرر
ٿيو هو ۽ ملتان علائقي جو ٿيون حصو مرزا سلطان محمد
بيگ لار جي حوالي ٿيو هو. محب علي خان، مرزا
سلطان محمد ۽ ارغونن جي جماعت لشڪر سميت
جڏهن ڀڪر ۾ آيا، تڏهين سلطان محمد بيگ ٻين
همراهن جي صلاح سان خان زمان ڏي خط لکيو ته،
حقيقت هيءَ آهي توهين ته جلد اسان سان اچي
همراه ٿيڻ گهرجو. انهيءَ خط موجب خان زمان
هڪدم ڀڪر ڏانهن روانو ٿيو.

ڀڪر ڏانهن ويندي، جڏهن خان زمان دربيلي
علائقي جي ابياٽي ڳوٺ ۾ پهتو، تڏهين حبش خان
ساٿس مليو، جنهن کي محب علي خان دربيلي جي
قلعي لي گهيري ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. حبش خان
جي چوڻ موجب خان زمان ان سان مددگار ٿيو.
دربيلي ۾ سلطان محمود جي طرفان جيڪو صوبو مرزا
علي ڪابلي مقرر ٿيل هو، تنهن وري پاڻ جي صوبي

مير شمس ڪشميري کي مدد لاءِ عرض ڪيو، جو مرزا محمد باقي جي طرفان پاٽ پرڳڻي جو صوبو مقرر ٿيل هو. جيئن ته ان وقت سلطان محمود خان حاڪم بکر ۽ مرزا محمد باقي حاڪم ٺٽي جي وچ ۾ رس محبت ۽ اتفاق هو، تنهن ڪانسواءِ بکر مان مرزا علي ڪابلي کي مدد پهچڻ جو امڪان نه هو، تنهن ڪري مير شمس ڪشميري لشڪر وٺي پاٽ مان مرزا علي ڪابلي جي مدد لاءِ درٻيلي پهتو هو، جنهن ڪري حبش خان کي خان زمان جي همراهيءَ جي ضرورت ٿي.

خان زمان ۽ حبش خان پهريائين درٻيلي جي آسپاس مير علي ڪابلي جي هٿ ڪئي، جو خريف جي فصل سنڀالڻ لاءِ مقرر ٿيل هو، انهي ستن ماڻهن سميت قتل ڪري، انهن جا سر محب علي خان ڏانهن بکر روانا ڪيا. اتي جون پوکون ۽ فصل ناس ڪري پنهنجن گهوڙن کي کارايائون. درٻيلي جي قلعي ۾ مرزا علي ڪابلي ۽ مير شمس ڪشميري جي گڏيل لشڪر سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت خان زمان ۽ حبش خان ۾ نه هئي، تنهن ڪري ٻئي ڄڻا محب علي خان ڏانهن روانا ٿيا. محب علي خان وري مرزا محمد سلطان بيگ لار ۽ نظام الدين احمد کي ڳچ لشڪر ڏئي خان زمان ۽ حبش خان سان مددگار ڪري موڪليو، ته درٻيلي جو قلعو قبضي ۾ آڻي وٺي.

## دربيلي جي قلعي تي گهيرو ۽ فتح

محب علي خان جو موڪليل تازو لشڪر دربيلي جي قلعي کي اچي گهيرو ڪري ويٺو ۽ مرزا علي ڪابلي قلعي جا دروازا بند ڪري ٻاهرين لشڪر سميت اندر قابو ٿي ويٺو. جڏهن ٻاهران پيري خان زمان ۽ حبش خان بکر ڏي هليا ويا هئا، تڏهن مير شمس ڪشميري به آئي بلا ٽريل ڄاڻي موٽي ويو. باقي مرزا علي ڪابلي اڪيلو وڃي قلعي ۾ رهيو جنهن لاءِ جو تازو لشڪر اچي ڪڙڪيو، سو جنگ جاري نه سگهيو. ڪجهه وقت گهيري ۾ رهڻ بعد صلح جي آڇ ڪيائين. خان زمان ۽ انجي ساڻس سا دوستي ۽ نباهه جا عهد انجام ڪري قلعي جا دروازا کولي قلعو ڪٺي گهيري ڪندڙن جي حوالي ڪيائين قلعو فتح ٿيڻ بعد نظام الدين احمد کي دربيلي قلعي جو صوبو مقرر ڪري خان زمان، مرزا محمد سلطان ۽ ٻيا همراهه لشڪر سميت با سلامت وڃي رهڙي ۾ محب علي خان کي مليا، جو انهن کي سوڀ سان آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

## بکر جو قلعو فتح ڪرڻ

محب علي خان موٽي وري خان زمان ۽ محمد سلطان کي چيو، ته هاڻي توهين وري بکر جي قلعي لاءِ وڃو، جو مير شمس ڪشميري ان لاءِ قبضو

ڪري ويلو آهي. خان زمان ۽ محمد سلطان ٻهراڙئين
واٽ‌ٻور ۾ آيا. اُتي صلاح ڪيائون، ته مير شمس وٽ
لشڪر گهٽ آهي. تنهن ڪري بهتر آهي، ته درياءَ
۾ هلي نظام الدين احمد کي ڀاڄ سان ڪڍجي ۽ پوءِ اڳ‌ڪر
هلجي. اها صلاح ڪري درياءَ ۾ آيا اتي معلوم ٿين
ته نظام الدين اڳيئي درياءَ جو ٻيو ڪنارو ڏيئي
بکر ويو آهي ۽ مير شمس سان لڙائي ٿيو ڪري تنهن
لي هي ٻئي چڙها بکر پهتا ۽ نظام الدين سان اچي
همراهه ٿيا. مير شمس جڏهن خان زمان ۽ محمد
سلطان جي اچڻ ۽ نظام الدين سان شامل ٿيڻ جون
خبرون ٻڌيون، اڏهن لڪ ڇپ ۾ قلعه مان نڪري
اچي پاٽ کان نڪتو.

مير شمس جي نڪري وڃڻ جي خبر ظاهر ٿيڻ لاڻون ٻنهي طرفن جي جنگ جاري رهي، پر جڏهن مير شمس جي ڀڄي وڃڻ جي خبر هڪڙي سومره ماڻهو خان زمان کي ڏني، تڏهن خان زمان ۽ محمد سلطان قلعه ۾ ڏوڪي پيا ۽ قلعو ني وڃي قبضو ڪيائون. سلطان محمود هڪڙيءَ ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪري لي ويو.

محب علي خان بکر جي قلعه جي فتح معلوم ڪري انهايت خوش ٿيو. تنهن کان پوءِ خان زمان ۽ محمد سلطان کي لکي موڪليائين، ته هاڻي توهان ٻيئي چڙها لشڪر ساڻ ڪري پاٽ ني ڪاهي وڃو ۽ اهو علائقو وڃي هٿ ڪريو.

## پاٽ تي ڪاهه ۽ جنگ

خان زمان ۽ محمد سلطان لشڪر وٺي پاٽ تي ڪاهي ويا. ان وقت مرزا جاني بيگ نوجوان پنهنجي پيءُ مرزا محمد باقي جي طرفان سيوهڻ جو گورنر مقرر ٿيل هو، سو محب علي خان جي لشڪر اچڻ جي خبر ٻڌي هڪدم پاٽ جي قلعي ۾ آيو ۽ مير شمس ڪشميري جي سرداريءَ ۾ هڪ وڏو لشڪر حملي ڪندڙ لشڪر جي سامهون روانو ڪيائين. مير شمس ڪشميريءَ جو لشڪر اڃا هڪ ميل پري هو، ته خان زمان پنهنجي لشڪر کي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مرزا محمد سلطان کي اهو حملي جو حڪم پسند نه آيو، ڇاڪاڻ جو سندن لشڪر ۾ گهڻا اڻ آزمودگار ماڻهو هئا. مرزا محمد سلطان جي چوڻ تي خان زمان پنهنجي لشڪر کي ٿورو موٽڻ لاءِ گهوڙو ڦيرايو، نوستائون ٻئي لشڪر جنگ ۾ جنبي ويا ۽ خان زمان به وڃي جنگ ۾ مشغول ٿيو. سخت مقابلي کانپوءِ مير ڪشميريءَ جو لشڪر غالب پئجي ويو ۽ خان زمان کي پنهنجن باقي رهيل ماڻهن سميت ڀڄي جان بچائڻي پيئي. مرزا محمد سلطان ۽ نظام الدين به ڏٺو ته مقابلو ڪري نه سگهبو، تنهن ڪري پٺتي موٽڻ مناسب ڄاتائون.

انهيءَ جنگ ۾ خان زمان کي ڇهه سخت زخم بدن

تي پهتا هئا ۽ سندس گهوڙو به زخمي ٿي مرڻ تي
پيو هو. مرزا محمد سلطان ۽ نظام الدين اڳ ئي جنگ
جي ميدان مان نڪري ويا هئا. باقي خان زمان
پنهنجي مندي گهوڙي تي سوار پيادن ڪاهيندڙن
دشمن کي هٽائيندو، پنهنجي جان بچائيندو پٺتي آيو
واٽ تي محمد سلطان جو خنجر ڏٺائين، جو محمد
سلطان ڀاڄ جي تڪڙ ۾ ڪيرائي ويو هو. سو کڻائين ۽
حبش خان جي پٽ يوسف علي جو لاشو واٽ تي
ڏٺائين، تنهن کي به پنهنجي گهوڙي جي زين تي
رکي کڻائين ۽ اچي مرزا محمد سلطان ۽ نظام الدين ۽
انهن جي ساٿين سان جونپور ۾ اچي ملي پيو. ڀاڄ جي
جنگ ۾ خان زمان جيڪا مردانگي ۽ بهادري ڏيکاري
هئي، سا دوستن نه ساراهي ٿي، پر دشمن به ان
جي واکاڻ پئي ڪئي.

## بکر تي نئون نواب مقرر ٿيڻ ۽ محب علي خان جو موٽي وڃڻ.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ سلطان محمود خان ڀڪري
عريضي دهليءَ جي شهنشاهه اڪبر اعظم جي خدمت
۾ موڪلي، ته اسين حضور جن جا ٻانهن ابتدا غلام
آهيون اسان ۾ ڪا به سرڪشي نه آهي. مگر محب
علي خان جنهن کي حضور جن هن ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ
موڪليو آهي، تنهن سان ارغون ساٿي همراهه آهن،

عيال به روهڙي شهر ۾ هو. تيمور خان جو خبرو لشڪر شهر جي ڪنڊن ۾ جدا جدا گهٽين مان پهريدارن کي ماري شهر ۾ ڪاهي پيو. محب علي خان پنهنجو عيال به اتي ڇڏي پاڻ ڪنهن طرح لڪي ڀڄي ويو.

خان زمان اها خبر ٻڌي، محب علي خان جي حويليءَ تي آيو ۽ اندر چوائي موڪليائين، ته اوهان کي جيڪڏهين شهر مان نڪرڻو هجي ته، اهڙو بندوبست ڪريان، پر اندران چوائي موڪلائونس، ته اسين حويليءَ کان ٻاهر نه نڪرنداسون. اوهين اسان جو ڪوبه فڪر نه ڪريو.

خان زمان انهن هوندي به گهٽيءَ ۾ هڪڙي زره پوش سپاهي کي قتل ڪري، ان جو عمدو گهوڙو محب علي خان جي عيال ڏي موڪلي ڏنو ۽ پاڻ هڪڙي سوار سميت روهڙي شهر کان نڪري هڪڙي چراگاهه ڏي روانو ٿيو، جتي سندس گهوڙا ڪان پئي جي نظرداريءَ هيٺ چرڻ لاءِ ڇڏيل هئا، روهڙي کان ڪجهه مفاصلي تي خان زمان ڏٺو، ته سندس ڪن سپاهين کي ڳوٺاڻا ماڻهو وڪوڙيو بيٺا آهن ۽ سپاهي ذري گهٽ مارجڻ تي آهن هن هڪل ڪري جهيڙي جي وچ ۾ پئي، ڳوٺاڻن کان حقيقت ورتي، جن چيس، ته هي سپاهي اسان جون ٻڪريون ڪاهيو ٿي ويا، ان کان پنهنجون ٻڪريون ٿا ڇڏايون. خان

زمان انهن ڳوٺاڻن ماڻهن کي ٺاري، اڌ ڪري انهن جي حوالي ڪيون ۽ اڌ پنهنجن سپاهين کي ڏناري، انهن کي ساڻ ڪري چراگاهه ڏي ويو ۽ اتان گهوڙا وٺي سپاهين کي گهوڙن تي سوار ڪري هڪ ڏاهن روانو ٿيو، جو سنڌس يار پڻ بکر ۾ هئا.

محب علي خان سان جا هيتري تڪليف ٿي، تنهنجو سبب مجاهد خان جي نظر ۾ هي هو، ته ارغونن جي طرفدار ٿيڻ ڪري محب علي خان هيتري مصيبت ۾ پيو، عزتي سٺي آهي ۽ وري ارغونن تي ڪمسو خان جو طرف وٺي محب علي خان تي لشڪر روانو ڪرايو آهي. انهيءَ ڪري مجاهد خان جي دل ۾ ارغونن جي برخلاف سخت عداوت جمي ويئي. انهن هڪڙو خط فولاد خان بکر جي هڪڙي وڏي عملدار کي لکيو، ته خان زمان عرف شاهه قاسم خان يا مير ابوالقاسم بيگ، جنهن لاڪن جي ڳوٺ واري واقع ۾ شاهزادي بيگم کي لاهور پڄيءَ تي قتل ڪيو هو، سو هڪ مان پنهنجن يارن ٻين کي ڪيڏي وڃڻ لاءِ اچي ٿو. اُن کي جيئن سلامت نه ڇڏيو ۽ سندس مال اسباب ضرور لٽجو. ٻيو خط عيسيٰ عرب ڏي موڪليائين. تنهن کي به سخت تاڪيد ڪيائين، ته فولاد خان سان هر طرح مددگار ٿي بيهجو. خان زمان نه اڳيئي دانا ۽ دوراندش ماڻهو هو، سو جيئين فولاد خان ۽ عيسيٰ عرب کا خبرداري ۽ بندوبست

ڏکڻ ڏي ڏکڻ، انهن کان اڳ ڀنڀيا پار پيا اهڙي طرح
ٺٽو مان ڪيڏي ويو جو ڪنهنکي به خبر ڪانه پئي.
ٺٽو ڪان ٻاهر ٻاگهڻ جي ڦوٽ ۾ وڃي حوالي ڪري
ويٺو. باقي مرزا محمد سلطان ارگون ۽ ان جا ٻار
اڃان ٺٽو ۾ رهيا پيا هئا.

مجاهد خان به سنڌ جي سرلي وچ جي پڌران
ٻکر ۾ آيو ۽ اچي ڪسو خان جو پاسو ورتائين. پوءِ مجاهد
خان ۽ ان جي رفيق صلاح ڪئي، ته ڪنهن به طرح
خان زمان کي ٻکر جي قلع ۾ گهرائجي ۽ پوءِ ڄڪا
هاڻ وٺي، سا سازش ڪجي. اهو خيال ڪري فولاد
خان ۽ عيسوي عرب خان ڏانهن لڪايو موڪليو ته اوهين
مهرباني ڪري اسان وٽ اچو. خان زمان کي دوست
۽ دشمن جي سازش جي ذات خدا تعالى پڌري ڪئي
تنهنڪري هو نه ويو.

خان زمان سان ان وقت فقط ٽيهه همراهه هئا. سو
چيائين، جو ٻگهڙن جي راڄ جي دل لڳي ڪسو
خان ۽ ان جي زبردستين جي سبب خراب اٿو وهاري
انهن کي پنهنجو ڪيائين ۽ انهن کان وفاداريءَ بابت
قسم ويساهه وٺي ساڻن پڪا عهد اقرار ڪيائين. خان
زمان همش ڦوٽ کان ٻاهر وٺن جي ڇانوَ ۾ مجلس
۽ وهاڻ ڪندو هو الي هڪڙي ڏينهن ڦوٽ جو ماڻهو
ڊوڙي آيو، ته لشڪر جا سپاهي مير رحمان قلي جي
حويليءَ تي ڪاهي ويا ته حويليءَ جا ماڻهو ڀڄهن

دشمن جي گهوڙن ۾ وڃي پناهگير ٿيا ۽ هاڻي اهي سپاهي خان زمان جي حويليءَ ڏانهن پيا وڃن. انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط خان زمان، محمد رحمان قلي ۽ ٻيا سڀ ويهه همراهه هٿيار ٻڌي گهوڙن تي سوار ٿي هڪدم حويليءَ تي اچي سهڙيا. ڏسن ته عيسيٰ عرب گهوڙي تي چڙهيو حويليءَ جي در تي بيٺو آهي ۽ سندس ماڻهو ته پٺان ايندا اٿس. خان زمان جو ڏهن ورهين جو فرزند محمد شاهه قاسم خان حويليءَ جو در بند ڪريو اندران لمون جو وسڪارو لائيو بيٺو آهي. خان زمان جي پهچڻ تي ٻنهي طرفن جي وچ مار ساران لڳي وئي. خان زمان هڪڙي تير سان عيسيٰ عرب کي ۽ ٻئي ڌڪ سان ان جي ڀاڻيجي کي ماري وڌو.

توري چڙهائيءَ کان پوءِ عيسيٰ عرب جا ماڻهو اچي پهتا. انهيءَ مقابلي ۾ پنجهين ته تمام گهڻي همت ڏيکاري. پوءِ خان زمان جي صلاح موجب اهي ٻکيا ته اتان لڏي، خان زمان سان گڏ جهنگ ۾ گذارڻ لڳا.

## نواب مرزا محمد باقي جو خان زمان کي پاڻ وٽ گهرائڻ ۽ نوازڻ

نواب مرزا محمد باقيءَ کي هونئن ته ڪجهه وقت کان وٺي خيال هو، ته خان زمان کي پنهنجو وفادار بڻائجي ته بهتر. هيئنر سلطان محمود خان حاڪم بکر جي وفات ڪرڻ ۽ ان جو سمورو اتر سنڌ وارو ملڪ شهنشاهه

اوهان جي ملڪ تي اصرار لائي ڪاهي آيو
هو، ته به اهو ٿي هتائين ڪڍيو هوس. وري اهي
ساڳيا ارغون سلطان محمود خان جي پاسي آيا، ته سنڌ
جو ڪيترو ئي پرڳڻو ان کي ورتي ڏنائون. تنهن ڪالهوءِ
وري محب علي خان جو پاسو ورتائون، انهي سلطان
محمود خان جون فوجون ٿي مڇهالي چڙهايون. اميرن
جي صلاح پنهنجي خيال سان موافق ڏسي مرزا محمد
باقي همدمن خط خان زمان ڏانهن موڪليو، جنهن سان
گڏ پيون سوکڙيون ۽ سروپائون به موڪلايائينس.

## خط

ڪيترائي اسالي ضرورت وارا ڏيهه، شيطاني خصلتن
وارا ۽ ڪارا روح اسانجي حڪومت پٺيان هٿ ڌوئي لڳا
آهن ۽ دشمني ۽ عداوت جي ميدان ۾ فساد ۽ فتني
جي ڇوهاڻ وڇائڻ لڳا آهن. اسانجي دل جي پڪيءَ کي
مڪر ۽ ٺڳيءَ جي جار ۾ ڦاسائي، اسانجي هٿان اسانجن
پيارن عزيزن ۽ مهربانن سان اهڙا ناگوار واقعا ڪرايا اٿن،
جنجي شرمندگيءَ جي دز اسان جي خيال جي صفحي
تي اڃان تائين جمي پئي آهي. هميشه اسانجي دل
مهرباني ۽ محبت سان اهڙي پرجي آئي آهي ۽ اهڙي
سچي خواهش اٿئون، ته تمام ڪنهن سهڻي اموال سان
گذريل ڏکن جي عوض عزيزن ۽ پائرن کي سک پهچايا
وڃن. جيڪي ٿي گذريو آهي، سو وساريو وڃي.
اوهان مهربانن کي گهرجي، ته دل مان سڀ وسوسا

۽ شڪ شبها ڪڍي ڇڏيو. ايڪ ليکي ۽ صاف دليءَ سان اطاعت ۽ فرمانبرداري ڀريل وڏيون اميدون رکي اسان وٽ اچو. پنهنجن پاڻن ۽ دوستن کي اِ بيشڪ پاڻ سان آڻيو. الله تعاليٰ جي ڪرم ۾ اميد آهي، تہ اوهان ۽ اوهان جي عزيزن دوستن جي دلين جون مرادون پڄايون وينديون ملڪ وڏيڪ انعام اڪرام بخشيون جوڪي بہ اسان کان پڇي منگهنديون، سي ڏنيون وينديون.

خان زمان الهيءَ خط پڙهڻ بعد پنهنجن عزيزن ۽ دوستن سان صلاحون ڪيون ڪي، عزيز ۽ دوست ساڻس گڏجي هلڻ لاءِ تيار نہ ٿيو، پر ڪنهن تني وڃڻ لاءِ بہ ڪنهن ٻي صلاح نہ ڏني. مگر خان زمان ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٻڌي، تني ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن سيوهڻ ۾ مير سبحان قلي بهادر کي اتي هلڻ لاءِ اچي صلاح ڏنائين، تڏهن ان چيو، تہ اسان جي سڄي ڪٽنب مان باقي هڪڙي منهنجي سري نواب محمد باقي ڇڏي آهي. سو مون کي ان وٽ هلي پنهنجي سري ڪپائڻي نہ آهي. خان زمان جي دل تڏهن بہ ڪو لوڏو نہ کاڌو.

خان زمان پوءِ سيوهڻ جي گورنر مرزا جاني بيگ وٽ ويو، جنهن کي خبر هئي تہ ڪنهن ٻئس مرزا محمد باقي خواهان آهي، تہ خان زمان ۽ ٻيا ارغون سنڌ سان سو ولن. تنهن خان زمان کي تمام گهڻي

نوازش ۽ عزت ڀريو پروانو سيوهڻ ۾ هئو.

جڏهين خان زمان ۽ مرزا محمد باقي ٻاهم عزيزن وانگر صاف دل ۽ هڪڙا ٻئا ٿـي ويا، تڏهين مرزا محمد باقي، خان زمان کي چيو تہ لاڪاوٽ ۽ چنيسر جو پرڳڻو جهڙو آهي وڏو ۽ زرخيز تهڙو ئي آهي مردم خيز. پر افسوس آهي، جو اُتي جي رعيت جي سرڪشي ۽ بي پرواهي ڪري ملڪ وڃي اجڙ ٿيندو. ملڪ ۾ دولت ۽ آبادي گهٽي ٿـي پئي آهـي. اوهين اوڏاهين گورنر ٿي وڃڻ قبول ڪريو تہ نهايت بهتر. خان زمان اها ڳالهہ قبول ڪئي. انهن ڪري مرزا محمد باقي ٻہ هزار فوج، جهنڊا، نغارا، سازي گهوڙا ۽ خلعتون ڏيئي خان زمان کي اوڏاهين روانو ڪيو.

## خان زمان جو لاڪاوٽ جو گورنر ٿيڻ

خان زمان پنهنجي عملي ۽ لشڪر سميت ٺٽي کان لاڪاوٽ پرڳڻي ڏانهن روانو ٿيو. جـڏهين نصرپور ۾ پهتو، تڏهين پنهنجن سپاهي اڳ جي واقف ڪارن کي گهرائي انهن تي نوازشون ڪيائين ۽ انهن جون دلڙيون وڌائين ۽ انهن کي زمين آباد ڪرائڻ لاءِ همٿايائين، جا گهڻي قدر غير آباد رهي پئي هئي.

ڪجهہ وقت نصرپور ۾ رهي پوءِ لاڪاوٽ ۾ آيو. اُتي جي آسپاس وارن ماڻهن فريادن ڪيان فرياد اچي ڏنا، تہ اُتر قوم جي ماڻهن اسان سـان دولـت ۽ ڏاڍ

لاڻي، اسان جو سڪ ڦٽائي ڇڏيو آهي، ڪو اپاءُ ڪ
ڪجي. خان زمان جي گورنر ٿي اچڻ جي خبر ٻڌي
سنڌ جا زميندار انڙ جهڙوڪ علاؤالدين، مهاڻ، دودو
۽ غازي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ اچي تابعداري ۽ فرمانبرداري
ڏيکاريائون. انهن ئي ڪجهڙي وقت کان سرڪاري ڍل
ادا ڪئي هئي سا ادا ڪيائون ۽ پنهنجي حد مان
ڦرلٽ ۽ زور ظلم بند ڪرائڻ ۾ خان زمان سان ساٿ
ٻيلي ٿي پيا.

خان زمان سڄي پرڳڻي جي زمين جي نئين سر
ماپ ڪرائي ۽ ان ماپ موجب ڍلون وٺڻ شروع ڪيائين.
ٻيا سڀ وڏيرا خان زمان جي حڪم ۽ فرمانبرداريءَ ۾
آيا فقط ٻه انڙ وڏيرا خان زمان جي ڪا پرواهه ڪرڻ
لڳا. هڪڙو قاسم انڙ جو مغروري ۽ بي پرواهيءَ سان
پاڻ کي مرزا قاسم سڏائيندو هو ۽ خان زمان کي رکا
۽ سخت جواب موڪليندو هو ۽ ٻيو مهتن انڙ.
خان زمان ڏانهن پنهنجي لشڪر ۾ ٽي سو ڄڻو سوڍا
آهن جنهن سنگهيندي جا لالا انڙن سان آهن
جڪڏهن هڪدم انهن انڙن سان جنگ ڪندس، ته
سنگهيندي وارن سوڍن کي ضرور سڪ ايندو. پر
ملتان پنهنجي ٿي لشڪر ۾ ڪو ڦيتاڙو پئجي ويو
انهن ڪري خان زمان ٻڌايائون ته پنهنجي لشڪر
وارن ٽن سوڍن کي رخصت ڏي، جو ايتري گهٽ
لشڪر جي ضرورت ان وقت هوس ٿي ڪاله انهن

ڪالهوءَ صلاح ٻري ڳالهه اها سمجهائين، ته ٽالپرين قاسم اڙ کي نصيحت جو خط لکان، جيڪڏهن خط جي نصيحت تي موٽي پوي ۽ فرمانبرداري قبول ڪري، ته جنگ ڪرڻ نه پوي؛ اگر جيڪڏهن نصيحت مٿس اثر نه ڪري ته پوءِ لاچار جنگ ڪري ته اها بغاوت ملڪ مان ٽارڻي پوندي.

خان زمان هڪڙو نصيحت ڀريو خط قاسم اڙ ڏانهن لکي موڪليو. جنهن ۾ سڀ اڳي پوئتي جي حالن ۽ انهن جي خبر ڏيندي نصيحت ڏنائينس، ته سرڪشي ۽ نافرماني ڇڏي ڏي. مگر قاسم تي انهيءَ خط جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. الٽو وڌيڪ مغروري ۽ بي پرواهي ڏيکارڻ لڳو. خان زمان ٽالپرين ڪاڪن جي ڳوٺ ۾ قلعو نهرائي، اهو پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ڪيو. پوءِ ٿورا ماڻهو ساڻ ڪري ممڻن اڙ تي ڪاهي ويو ان جا گهڻا ماڻهو قتل ڪيا ۽ ٻيا ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. اهو راڄ پنهنجون ٻارا ڇڏي ويو، تنهنڪري زمين جي آباديءَ کي نقصان پهتو. ان وقت نواب مرزا محمد باقي ٽي اڙٻون خان زمان ڏانهن ڏياري موڪليون، ته اهي ڪٽڪ سان ٻرائي موڪليو. خان زمان هڪڙي پيڙيءَ ۾ قتل ڪيل اڙن جا سر، ٻيءَ پيڙيءَ ۾ انهن جو هٿ آيل چوپايو مال ۽ ٽين پيڙي ڪٽڪ سان ٻرائي پنهنجي عزيز مير جان محمد بيگ لار جي هٿان نواب مرزا محمد

باقي ڏاڍهن موڪليائون ۽ ان ڏاڍهن سڄو حال لکي
موڪليائون. انهن کان پوءِ خان زمان وري قاسم اتي
جي راڄ تي ڪاهي ويو. قاسم اتي ۽ انهي ماڻهن خان
زمان جي ماڻهن سان چڱي چوٽ ڏني، پر آخر گهڻا
ماڻهو مارائي اچي ڀڳا. ان وقت ۾ مرزا محمد باقي
ٺٽي پهتو خان زمان ڏاڍهن موڪلي ته اناج سان پوري
موڪلو. خان زمان وري هڪڙي ٻيڙي اتن جي سون
سان، ٻي ٻيڙي انهن کان هٿ آيل مال سان ۽ ٽين اناج
سان پرائي روانو ڪئي ۽ ملڪ جو سڄو احوال لکي
موڪليائين.

جڏهن اتي ۽ انهن جا طرفدار ملڪ ڇڏي ٻئي پار ڪري
ڏاڍهن پهچي ويا هئا، تن کي اتي سک نه آيو. تن خان
زمان ڏاڍهن ميڙون منٿون موڪليون ته اسان کي معافي
ملي ته اسين ملڪ ۾ اچي ٻيهر پارو ڪري پنهنجي گذران
ڪريون ۽ سرڪاري ڍلون به ادا ڪندا رهون.
آئينده وفادار ٿي رهڻ لاءِ عهد انجام ڪريون. آخر
علاوالدين ۽ غازي وغيره معتبر اتن جي سفارش ۽ ذميواريءَ
تي انهن سڀني پهچي ويل ماڻهن کي معافي ملي. هو
وري پنهنجي وطن ۾ اچي پهريون ايئن آباد ٿيڻ لڳا ۽
سرڪاري ڍلون ادا ڪيائون. آئينده وفادار ۽ صلح
سانت ۾ رهڻ لاءِ عهدا اقرار ڪيائون.

خان زمان آوراتي وقت ۾ لاڪاوٽ پرڳڻي مان قسو

مار ۽ چوري زوريءَ جو الو اُڀي ڪيڏي چڙهيو. ملڪ جي زرعي پوک تمام گهٽجي وڃايائين جنهن ڪري ماڻهو سکيا ستابا ۽ امن امان ۾ رهي ڪيس دعائون ڪرڻ لڳا.

## مرزا محمد باقيءَ جي حڪم موجب خان زمان جو عمرڪوٽ ڏانهن وڃڻ

عمرڪوٽ جي راڻي وائمل جي معرفت نواب مرزا محمد باقي وٽ نتي ۾ ڏانهن ڪٺي آئي، ته راڻي ميگهراج وائمل کي ماري، ان جي اهل عيال کي قلعي کان ٻاهر ڪيدي ڇڏيو آهي ۽ ان جا ٻنپڙ ناڙي قلعي کان ٻاهر ڪڍرايا اٿس، تون اسان جو داد ڪر. انهيءَ نواب مرزا محمد باقيءَ تي زور ڪيو، ته اسان جي تدارڪ لاءِ خان زمان کي موڪل، پنهنجو ڪو عملدار نه موڪل، تنهن ڪري نواب مرزا محمد باقي خان زمان ڏي لکي موڪليو ته توهين اسان وٽ نتي ۾ اچو، پر انهن جي ڳوٺن مان نه اچجو. درياءَ ٻئي ڪناري کان اسان وٽ اچجو ڇاڪاڻ جو انهن جا گهڻا ماڻهو اوهان جي هٿان قتل ٿيا آهن انهن کي اڃان اوهان ڏانهن عداوت هوندي. متان اوهان کي ڪو نقصان پهچائين. خان زمان نه وڃڻ وارو مرد ٿي نه هو تنهن ڪري پنهنجن ٿورڙن ماڻهن هوندي به انهن جي راڄ ۾ آيو ۽ انهن کي چيائين ته حافظ ولد ڏنو

اڻ هڪدم پنهنجو ڪنولو گهوڙو به اچي حاضر ڪري
۽ اسان کان معافي به اچي وٺي. نه ته مونکي هتان
هڪڙو قدم به اڳتي هلڻو نه آهي. انهن جا وڏيرا
لاچار ٿيا. آخر حافظ اڻ تي سڄي راڄ زور ڪيو، سو
لاوار ڳجهيءَ ۾ لڪائي پنهنجي ڪنولو گهوڙي سميت
خان زمان وٽ حاضر ٿيو ۽ معافي ورتائين. تنهن ڪانپوءِ
خان زمان اچي ٺٽي ۾ حاضر ٿيو.

نواب مرزا محمد باقي خان زمان سان رائمل جي
ماءُ جي ڏانهن پيش ڪئي ۽ چيائينس، ته اوهين
لشڪر وٺي عمرڪوٽ وڃو. جڏهن مينگهراج راڻي
رائمل کي ماري ان جا ٻار ٻچا ڪيد ڪري ڇڏيا آهن،
تڏهن مينگهراج کي ماري ان جا ٻار ٻچا به قلعي کان ٻاهر
ڪيو ۽ قلعي تي اهڙو ڪو سوڍو مقرر ڪري اچو،
جو راڻي رائمل جي ٻارن ٻچن جي چڱيءَ طرح سنڀال
ڪري سگهي. خان زمان حڪم موجب لشڪر وٺي
مرزا شاهه رخ ۽ مرزا محمد باقي کي به ساڻ ڪري
عمرڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو. وات تي سوڍن جي راڄ
۾ آيا. جن سرڪشي ڪري ڍل ادا نه ڪئي هئي،
خود مختياريءَ ۾ ٿي ڏيکاريائون. انهن سوڍن کي مهميز
ڏئي، تابعداري مڃايائون ۽ انهن کان ڍل وٺي، تن
تي ٻار لڏي عمرڪوٽ پهتا. راڻو مينگهراج لشڪر
جي اچڻ جي خبر ٻڌي، عمرڪوٽ جو قلعو خالي
ڪري هليو ويو. خان زمان وڃڻ شرط قلعي ۾ وڃي

داخل ٿيو ۽ قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. خان زمان قلعو هٿ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن همراهن سان صلاح ڪئي، ته قلعي جي سنڀال ڪنهن جي حوالي ڪجي. سڀني راءِ ڏني، ته هن قلعي جي سنڀال لاءِ باڪر واسي سوڍي کان سواءِ ٻيو ڪو به ماڻهو ڪارگر نه لڳندو. انهيءَ ڪري باڪر واسي کي الجي ڳوٺان گهرائي قلعو ان جي حوالي ڪري، پاڻ نواب مرزا محمد باقي وٽ اچي حاضر ٿيو.

## خان زمان جي جنگ ڪڪراله جي ڏاڙيلن سان

ڪڪراله جي حاڪم خان ولد ويسي، جو تمام مغرور ۽ سرڪش ٿي پيو هو، سو نواب مرزا محمد باقي جي لشڪر هٿان قتل ٿي ويو تنهن ڪري مرزا محمد باقي ڪڪراله تي راڻو سوڍي کي ٽن هزارن پيادن سپاهين سان حاڪم مقرر ڪيو. راڻو سوڍي سڄي پرڳڻي جو ڪمبت ڪري ملڪ ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪئي. مگر ڪوڙ قوم جي جاهل ماڻهن پاڻ سان واروڙن، جاڙن، ڦلاٽين، مهاڻن ۽ ٻين ڪن ماڻهن کي شامل ڪري هڪڙي گهاٽي جهنگ ۾ وڃي آستان ٿاهيو. ملڪ ۾ اچ وڃ جو اهو هڪڙو ئي رستو هو، جو انهيءَ جهنگ مان ويندو هو. پوءِ انهن ملڪ ۾ ڦرمار لڳائي ڏني ۽ انهيءَ جهنگ واري رستي لنگهڻ کان ماڻهو سلامت

ساڻ همراهه ڪري ڏنا ويا، ته ضرورت وقت لڙت
ڪم ڏيئي سگهن. انهيءَ ساري ٽٽ ۾ اُساهه سان
خان زمان گجرات جو گورنر مقرر ٿيو ۽ تاريخ ٻارهين
ماهه رمضان المبارڪ هجري سنه ٩٨٠ خميس جي ڏينهن
اوڏانهن روانو ٿيو.

شيخ پٿي عليه الرحمة جي زيارت ڪرڻ بعد سفر
ڪري گجرات علائقي جي تاره قلعه تي پهتو. جتي
رڻي سوڍي جو هيڊ ڪوارٽر هو. رڻو سوڍو خان زمان
جي اچڻ جي خبر ٻڌي تاره قلعي مان سڀ سامان
۽ ماڻهون ڪڍي، قلعه کي باهه ڏيئي رائمل جي
جاگير ڇڏي ڀڄي ويو. چوڌاري ڪاهي ڪوٺائي،
انهن ۾ ڪٽي چاوڙي ڪرائين. جيڪو ساڻ سپاهه مرزا
محمد باقي کان مليل هوس، سو ان پهچڻ قبضي ۾
رکيائين. ٻيون، وائوڙن، چارڻن ۽ ڪوريئن کي نگهبان
مقرر ڪرائين، جيئن ڪوبه سپاهي ٻئي نه وڃي.

خان زمان تاره قلعه ۾ اچي ڏٺو، ته ڪيترو
ڪم لڳي پيئي آهي. هڪدم رازن، وائين ۽ لوهارن کي
حڪم ڏنو. جن قلعه جي مرمت ڪري، سڀ جايون
جهڙيون تيار ڪري ورتيون. خان زمان پاڻ سان آندل
سڀ اناج اسباب ۽ گهوڙا، لشڪر قلعه ۾ رکيو. قلعه
تي پهچڻ نوجوان پٽ مرزا ابوالقاسم سلطان کي
نگهبان مقرر ڪري پاڻ وڃي ونيون پيڙيون ۽ چالهه
نديون پيڙيون لشڪر ۽ سامان سان تياري ڪرڻ جي

مرزا محمد باقي ۽ جو اهو جهونو عملدار هو ۽ خان زمان
سان اهو چڱيءَ طرح واقف هو، تنهن کـي وچـي
چيائون، ته ڪيئن ته طرح هيءَ مصيبت مون تان ٽار،
متان خان زمان موڪلي ۽ منهنجي عيال کـي قيد
ڪري.

قاضي خمسي هڪڙي عراضي ڪيئن قاصد هٿان
نواب مرزا محمد باقي ڏانهن موڪلي، جنهن ۾ وقت
نواب سيد محمد حسين ولد محمد خان استرانجي کـي
ٺٽي ۾ چاڙهي خان زمان کـي چراڻي موڪليو، ته
اسان اوهان کي ڏاڍيان ۽ قورن جـي باڙ ٺٽڻ لاءِ
موڪليو آهي ٻـه ٺاٺ وڏهڻ لاءِ ته موڪليو آهـي.
اوهين ملڪ ۾ ٻهاڪبو هربد ڪرا نـو ڪريـو ۽ ملڪ ۾
امن ۽ سلامتي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪريـو. نواب
مرزا محمد باقي جي الهيءَ پيغام پهچڻ شرط خان زمان
رنو سوڍي جي پٽ ڦٽي ڪري ميلي ۾ اچي ساڪن
ٿيو. رنو سو ته ٻوءَ آري رانوڙ، فريد چمڇ ۽ ٻيـن
سيبي زبردستن سميت خان زمان جي ٻيش اچي پيو.

خان زمان ميلي ۾ رهي، رعايا جي وڏيرن خواهه عام
ماڻهن کي جدا جدا ڳوٺن مان گهرائي انهن کان حال
احوال ورتا، انهن کي تسلاتن ۽ دلداريون ڏنيون ۽ انهن
کي نوازڻ ۾ مشغول ٿيو، جنهن ڪري سندس نيڪي
۽ ناموس ساري ملڪ ۾ هڪڙجـي وئي. سارا سوڍو
ڪورڻ جا رئيس ۽ چارڻ خان زمان کي اچي عرض

وٺڻ وارن جاين ۾ وڃي جاءِ ڪئي، ۽ سخت مهڙي ۾ لوٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪو به سامان ٻيل ڪونه هو. خان زمان اهو ڏاڙيلن وارو قلعو ڍهرائي اُن ڪري ڇڏيو ۽ لهر جو ٻيڙو تيل سڀهن کولايو.

خان زمان انهن وري سڀني ڏاڍهن مونهو ڏنو، ته انهيءَ ۾ ڏاڙيلن جي زبردست فوج ڏٺائين، ٽڪرن ۽ شڪارين سان ڀليان ايندي نظر آئيون. خان زمان جون ڪي ٻيڙيون اڳ هيون، مگر سندس وڏي ٻيڙي سڀني جي پٺيان هئي. ڪڏهن ڪالسواءِ لهر سوڙهي هئي ۽ ماڻهن گهٽ هو، تنهنڪري ٻيڙيون ڪڏ هلي نه سگهيون. خان زمان واري وڏي ٻيڙي ته ماڻهن جي لهي وچڙ ڪري لڳي پئي ۽ هلي نه سگهي. انهيءَ ۾ دشمن جي فوج مٿان اچي ڪڙڪي. خان زمان جي لوڪن به مقابلو ڪيو، پر آخر جند ڇڏائي ڀڳن. خان زمان پنهنجي اصلوڪي دستور موجب ٽڪي سر لهابيس مردانگيءَ سان لڙ الڊازي ڪئي ۽ ڏاڙيلن جا اگوان چونڊي چونڊي ماريائين. جهڙوڪ جام، دودو، لورو، سوڍو وغيره. سخت لڙائي ڪري ۽ اگواڻ ڏاڙيلن جي مرڻ پڄاڻا ڏاڙيلا هٽي ويا. خان زمان کي انهي لڙائيءَ ۾ ست زخم لڳن جا لڳا جدمان هڪڙو زخم مٿي ۾ وسيس، مگر حمائيءَ کي ڪو جوکو اُن پهتس ڏاڙيلن جي چڙوچڙ لئي وچڙ ڪسان ٻيءَ خان زمان پنهنجي ماڻهن سميت خندق (ڪاهي) واري منزل

ٿي آهي. رات گذرڻ بعد صبح جو هڪڙو خط خان
زمان، نواب مرزا محمد باقي ڏانهن لکي موڪليو.
جنهن ۾ ڪڪرالي ۾ ٺهيل ڳالهه جي وقت کان وٺي خط
لکڻ جي وقت تائين جيڪي ڪي ڏٺو ويندو ۽ معلوم
ڪيو هئائين، (نول سوڍي ۽ ڏاڙيلن جي مقابلي
سميت) سو ذري پرزي احوال عرض ڪيائين، خط
پڇاڙي شرط مرزا محمد باقي قاسم جو جيس جي هٿان
انعام اڪرام ۽ شاباسيون سوکڙيون، آفرين نامه،
۽ شڪرگذاري جو خط خان زمان ڏي موڪليو ۽ ٻين
ٻڪڙين ڪان آيل فوجون خسرو خان، مير علي خان ۽
حبش خان جي ماتحت هيٺ خان زمان جي مدد لاءِ
ڪڪرالي روانيون ڪيون. جيئان ئي سپهه سالار ٿٽي
کان ٻه منزلون هاي موٽي ٿي ته آيا. ڇو؟ ڇي اسان
وات تي ٻڌو ته نواب مرزا محمد باقي جا دشمن
سڪرات ۾ آهن، انهڪري موٽي آيا هون
۽ هت معلوم ٿيو اڳيون ته اهيا ڪوڙي خبر
ٻڌي هئاسون. نواب مرزا محمد باقي انهن ٿيهي
سپهه سالارن کي ڇڏ ڇت ڪئي، آخر ويچار ڪرڻ
بعد خان زمان کي لکي موڪليائين، ته توهين هاڻي
ڪڪرالي ڇڏي هليا اچو، ڪڪرالي جي ڄامن مان
ڄام ڏسر کي لکي موڪليائين ته اهو ٻهڳڇو ماڻهو
ملڪ لوکي قبول ٿيون وڃي سنڀال.

خان زمان مرزا محمد باقي جي خط پڇاڙي شرط ٿٽي

۾ اچي حاضر ٿيو. مرزا محمد باقي پوءِ خان زمان کي وري به اُتر جي راڄ واري پرڳڻي تي گورنر ڪري موڪليو.

## خان زمان جو وري اُتر جي راڄ تي گورنر ٿيڻ

جڏهن ڪر نواب مرزا محمد باقي خان زمان کي اُتر جي راڄ (لاڪاوس پرڳڻي) تان ڪهرائي عمرڪوٽ موڪليو ۽ پوءِ ڪڪرالي روانو ڪيو هو، تڏهن ڪر اُتر پٽي ڪنهن به گورنر کي سنڀالي نه ڏني هئي. هو سرڪاري پئسو ادا ڪندا هئا ۽ هميشه وانگر وري به ملڪ ۾ فساد زور زبردستي پيا ڪندا هئا، تڏهن ڪري ئي نواب مرزا محمد باقي خان زمان کي ڪڪرالي مان گهرائي اهو پهرو لاڪاوس پرڳڻي جو گورنر مقرر ڪيو.

لاڪاوس پرڳڻو ۽ نصرپور پرڳڻو هڪ ٻئي سان گڏ پيا هئا. نصرپور جو گورنر هو مرزا محمد باقي جو پٽ مرزا شاهه رخ. خان زمان جڏهن لاڪاوس جو گورنر مقرر ٿي آيو، تڏهن پهرئين خيال سمجهيو نصرپور جي قلعي ۾ مرزا شاهه رخ سان گڏ اچي رهيو هو. ڪن منافق ماڻهن ڪوشش ڪئي، ڪنهن نه طرح مرزا شاهه رخ جي دل ۾ خان زمان لاءِ نسبت ايترو اثر وڌاري خان زمان کي ناهڪ ۽ برباد ڪجي.

مرزا شاهه رخ ۽ الغ بيگ وڏي ڀاءُ پائنده خان جي هٿ مرزا جاني بيگ جي وچ ۾ ناسازي هوندي هئي. انهن ڪري مذاق مرزا شاهه رخ کي چورڻ لڳا ته خان زمان ۽ مرزا جاني بيگ پاڻ ۾ پڪا دوست آهن، انهن ڪري خان زمان توکي ضرور ڪو اوچتو ڌڪ هڻندو، تون هوشيار رهج.

مرزا شاهه رخ نوجوان ۽ ان آزمودگار شهزادو هو، سو مذاق ماڻهن جون ڳالهيون ڪنيو ڪندي پڪا دو هو. آخر مرزا شاهه رخ جي دل تي مذاقن اهو اثر وڌاريو، ته خان زمان جملي ڪان لشڪر گهرائي اچي تو لئو سان جنگ ڪري. هڪڙي ڀيري خان زمان پنهنجي والده وٽ ويو، جا ڪڪري ۾ رهندي هئي ۽ نه، پٺيان مرزا شاهه رخ چوائي موڪليس، ته اصرارن جي قلع اڪيلوئي اڪيلو گهرج! اهو ڪئو ته ماڻهو پاڻ سان نه آڻج.

خان زمان جا قبيلا قلع ۾ هئا، انهيءَ ڪري ان کي قلع ۾ وڃڻ ۾ غرور هو. اڳي پنهنجن ماڻهن سميت قلعي ۾ ويندو هو ۽ اهي ماڻهو حويلي جي دروازي تائين ساڻس ويندا هئا. اڄ سعدس سڀ کو هٿ مرزا ابوالقاسم سلطان بي بي ۾ سان گڏجي پٺيان آيو، نه مرزا شاهه رخ جي سپاهين دروازي تي روڪي ورتس، ته قلع ۾ بي بي سان گڏجي وڃڻ جو توکي حڪم نه آهي.

خان زمان کي دل ۾ ڏاڍو دغدغو پيدا ٿيو. پر

ڳوٺ ۾ وڃي رهيو اهي ماڻهو اڳيئين خان زمان سان ٿيل ۽ ساري مچايل هئا، تنهنڪري خان زمان جي انهي وڃڻ شرط سڀ رهيل ڍلون وصول ٿي ويون ۽ رعايا به خان زمان جي مهربانين ۽ نوازش حاصل ڪرڻ سان گهڻي قدر خوش ٿي.

اوڌمان نالي هڪڙي شخص ڏاهن ٿيڻ ڪري سرڪاري ڍل طور رهڻي وٺا هئا. جڏهن انهيءَ ڍل جي ڏيڻ کان انڪار ڪيو جو ڪن ماڻهن انهيءَ اوڌمان جي ڀڙواڻي ڪئي جڏهن ڪري هو هڪاري لاغرض ٿي پيو. خان زمان پنهنجي ٽن ٽوڙي وفادار امرن جي معرفت اوڌمان ۽ جو ڪن کي تمام گهڻي قدر سمجهايو، پر ڪنهن به سمجهاڻي انهن تي اثر نه ڪيو. بلڪ هو جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. خان زمان پنهنجي نوجوان پٽ ميرابو القاسم سلطان کي ٻائڻ سان ڪهيو ۽ ڪجهه لشڪر وٺي جو ڪن تي ڪاهه ڪري ويو. مير الدازيءَ جي سخت جنگ بعد جو ڪيا هٽيا ۽ اچي مڃيائون ۽ آئينده تابعدار ۽ وفادار ٿي رهڻ لاءِ عهد اقرار ڪيائون. رهيل سرڪاري ڍلن جو حساب پوري ڏنائون. ان وقت کاڌپورءِ سارو تاڪاوس پرڳڻو امن امان ۽ سک سانت ۾ گذارڻ لڳو. سنه ٩٨٩ هجري ۾ مرزا شاهه رخ نصرپور ۾ وفات ڪئي. خان زمان انهي اعزا پرسيءَ لاءِ اڪبرپور ويو. ماتمداري جي وقت گذرڻ بعد نواب مرزا محمد باقي پنهنجن آمرن سان

صلاح ڪئي، ته نصرپور علائقي جا ماڻهو سرڪشي ۽ ڦرمار جي ڪري مشهور آهن. تنهن ڪري ڪنهن اهڙي عملدار جو نالو ڏيو، جنهن کي نصرپور علائقي جو گورنر مقرر ڪجي. آخر سڀني امرن گڏجي ٿي صلاح ڏني، ته اهو علائقو خان زمان جي حوالي ڪجي انهيءَ راءِ موجب نواب مرزا محمد باقي سند ۽ پروانا مير شاهه قاسم بيگ لار (خان زمان) ڏانهن ڏياري موڪليا. جنهن موجب لاناوت پرڳڻي سان گڏ نصرپور جو پرڳڻو به خان زمان جي گورنريءَ ۾ رهيو. مرزا محمد باقي خان زمان کي اهو به لکيو، ته نصرپور ۾ مرزا شاهه فرخ رهي ٿو. انجي هر طرح خبرداري ۽ نظرداري رکجو.

## نصرپور تي خان زمان جي حڪومت

نصرپور جي علائقي ملڻ بعد خان زمان پنهنجو هيڊ ڪوارٽر نصرپور ۾ اچي ڪيو. شهر ۽ آسپاس جا ماڻهو اڳئي خان زمان جي نالي جا واقف هئا. تنهنڪري جيڪي لچ لائق ۽ بدمعاش هئا، سي ساڌو ۽ چڱا ماڻهو ٿي پيا. چور ۽ ڌاڙيلا اهي ڪم ڇڏي ساڌ ۽ ساڌو ٿي پيا. رعيت کي جهڙيءَ طرح دلاسن ۽ اطلاعن سان جهڙيءَ طرح مهربانين ۽ نوازشن سان خوش رکائين. نصرپور جي آسپاس ٻيا ڪيترائي وڏيرا هئا، جنهن وقت تائين ڪڏهن به باقاعدي سرڪاري ڍل ادا

ملڪ ڪرڻ ۽ سوا ڪرڻ لائين ــ نقد انعام ڏنو
ڇڏيندو هو.

ملڪ جي زراعت هنر ۽ عمارت سازيءَ ڏي خاص طرح نظر رکندو هو.

## خان زمان تي نواب مرزا محمد باقي جون وڏيڪ نوازشون

مير سجان قلي بهادر ارغون، جو نواب مرزا محمد باقي جي طرفان ٺٽي جو گورنر هو، تنهن جي علائقي تي اڪبر بادشاه جو لشڪر بکر کان اچي ڪڙڪيو. مير سجان قلي بهادر هڪڙو خط خان زمان کي لکيو، ته توبون، نقارا ۽ جهنڊو، جو مرزا شاهرخ مرحوم وٽ اصرارور ۾ هوندو هو، سو کڻي نصرپور، لاکوٽ، هالاکندي ۽ ڪيترن ٻين اهم سميت منهنجي مدد لاءِ مهرباني ڪري جلد اچو. خان زمان انهيءَ خط موجب سموري سامان لشڪر ۽ اهم سميت جڏهن لڪيءَ جي آمهون سامهون ٺٽو ۽ هالڪي دريا ڪري اڪيءَ کان ٺٽي وڃڻو هوس، تڏهن مير سجان قليءَ کي اچي غيرت جاڳي ته خان زمان جي مدد سان جنگ فتح ڪندس ته نالو اهڙو ٿيندو. تنهن کان جو ته اڳ ئي جنگ شروع ڪري ڏنائين. اهو غرور ۽ اڳرائي ڪري مير سجان قلي بدنصيبي سان شهنشاهي لشڪر سان جنگ ڪري ڏني ۽ سخت شڪست

ڪاڏائين. شڪست کائي ڀڄي ۽ چڙهي، اڪڙو الي ڀڳو. اڳيءَ کان سندس ڀيڻ لسڪهٽ مهل خان زمان جي مرضي هئي ته ڪمس نوساني حقيقت حال وڃي ٻڌو نوسموني ڪئن. تنهنڪري خان زمان الي ٽي منزل ڪري سمورو احوال نواب مرزا محمد باقي ڏانهن لکي موڪليو. نواب مرزا محمد باقي اڳي موڪليس، ته جنهن صورت ۾ مخالف لشڪر اڳرڏي موٽي ويو آهي، تنهنڪري توهان موٽي نصرپور وڃو انهيءَ حڪم موجب خان زمان نصرپور پهتو تـي مس ته خبر پهتي ته نواب مرزا محمد باقي وفات ڪئي.

## مرزا محمد باقيءَ جي وفات بعد تخت نشينيءَ تي تڪرار

مرزا محمد باقيءَ جو وڏو فرزند پائنده خان، جو پيءُ جي وفات وقت حيات هو، سو مجذوب هولدو هو. تنهنڪري هڪڙن اميرن زور رکيو، ته مرزا محمد باقيءَ جو ٻيو ننڍو پٽ محمد مظفر ترخان پيءُ جي گاديءَ جو ڌڻي ٿئي، ٻين اميرن جي مرضي هئي، ته پائنده خان جو لائق خادق فرزند مرزا جاني بيگ پنهنجي پيءُ پائنده خان جي بدران حڪومت جون واڳون هٿ ۾ ڪٽي، جو هر طرح علم ۽ فضيلت وارو، سخاوت ۽ همت جو صاحب آهي.

خان زمان مرزا جاني بيگ جي فائدي ۾ راءِ ڏني.
آخر سڀني اميرن امرائن يڪراءِ ٿي مرزا جاني بيگ
کي ٺٽي اچڻ ۽ حڪومت جو مالڪ ڪري ڇڏيو.

مرزا محمد باقيءَ جي وفات وقت مرزا جاني
بيگ سيوهڻ ۾ هو، سو پنهنجي ڏاڏي جي خبر ٻڌي
ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي سن ڪوٽ ۾ جڏهين
پهتا، تڏهين اميرن صلاح ڏني، ته ٺٽي ۾ سڀيئي
امير امراءِ محمد مظفر کي ٺٽي تي وارث جي فائدي
۾ آهن. تنهن ڪري توهان کي لڪڙ ڪري هلڻ نه
گهرجي - بهتر آهي ته پاڻ سيوهڻ ۾ هلي اهو قلعو
مضبوطيءَ سان سنڀالي ويهون ۽ ڏسون ته ڳالهه
ڪٿي ٿي بيهي. انهيءَ صلاح موجب مرزا جاني بيگ
موٽي سيوهڻ ويو الي مرزا سجان قلي ارغون چيس،
ته منهنجو عزيز خان زمان نصرپور جو گورنر آهي. ان
کي خط موڪليان ٿو ته ڏسان ته اهو ڪهڙي صلاح ٿو
ڏئي؟ خان زمان کي مير سجان قليءَ جو خط پهتو ۽
خان زمان جواب لکي موڪليو، ته اسين اوهان
پائرن جي صلاح سان بدل آهيون، منهنجي صلاح
آهي ته مرزا جاني بيگ کي هڪدم ٺٽي پهچڻ گهرجي.
خان زمان جي خط پهچڻ شرط مرزا جاني بيگ سيوهڻ
مان سڌو هالن پر، خان زمان جي طرفان رام ٽي هالن
۾ وڃي مرزا جاني بيگ جو استقبال ڪيو ۽ نصرپور
جي نزديڪ اچڻ وقت خان زمان وڃي مرزا جاني

وٺايون. هو لڙائين ۾ ۽ امن ۾ سڀڪنهن طرح مرزا جانيءَ بيگ جا وفادار خدمتگار آهيون. تنهن ڪانپوءِ خان زمان پاڻ موٽي نصرپور ويو، مير علي خان کي رخصت ڏنائين، ۽ مير سجان قلي بهادر کي ٺٽي ڏانهن روانو ڪيائين. خان زمان نصرپور پهچڻ کانپوءِ جلد ئي ”شاه ڳڙهه“ واري قلعو تيار ڪيو.

## مرزا جاني بيگ سان گڏجي خان زمان جو بدين ڏانهن وڃڻ

نواب مرزا جاني بيگ پنهنجي درٻاري امير مير سجان قلي کي چيو، ته خان زمان منهنجو عزيز آهي ان کي اوهان هن ڳالهه تي تيار، ته بدين طرف محمد مظفر اسانجي برخلاف جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي، تنهن کي ڪا مهم ڏيڻي اچي. مير سجان قلي خان زمان ڏانهن خط لکيو. جنهن موجب خان زمان ٺٽي ۾ مرزا جاني بيگ وٽ اچي حاضر ٿيو. مرزا جاني بيگ جي ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ خان زمان ان کي عرض ڪيو، ته اول مون کي اجازت ڏيو ته آئون مرزا محمد مظفر کي وڃي نصيحت ڪريان. پوءِ جيڪڏهن نصيحت مان ڪو ڪم نه نڪري، ته پوءِ لڙائي ڪرڻ ۾ اهر ڪراهي. مرزا جاني بيگ کي اها ڳالهه تمام پسند آئي ۽ خان زمان کي بدين ڏانهن روانو ڪيائين. خان زمان جوڻ ڳوٺ ۾ مرزا محمد مظفر سان

وٽي ٻڌائين ٿي ته جنگ جو نقارو وڄايائين. محمد مظفر جو اهو ٻڌي ڪيل لشڪر ڪاهي سنڌ جهلي نه سگهيو، تنهنڪري محمد مظفر کي سخت شڪست کائي ڪڇ ڏانهن ڀڄي وڃڻو پيو.

مرزا جاني بيگ ٻڌائين جو سارو علائقو پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ جهنگا پوشاڪ صاحب جي حالت ۾ محمد مظفر کي ٻه ڪانڊ لاءِ آندي هٿائين سا خان زمان کي انعام طور ڏنائين. مرزا جاني بيگ سوڀارو ۽ فتحياب ٿي اچي اتي ڪان لڳو.

## مرزا جاني بيگ جي لشڪر ڏي اڪبر بادشاهه جي لشڪر جو ڪاهي اچڻ

انهيءَ وقت مرزا جاني بيگ کي اطلاع مليو، ته شهنشاهه اڪبر جي حڪم موجب صادق محمد خان ڏکڻ سنڌ فتح ڪرڻ جي ارادي سان سيوهڻ ۾ اچي پهتو آهي ۽ سيوهڻ جي قلعي کي گهيرو اچي ڪيو اٿس. مرزا جاني بيگ خان زمان کي چيو، ته اوهين نصرپور ۽ سيوهڻ جي وچ جيڪي گوٺاڻا ماڻهو آهن، تن کي اڳواٽ وڃي پنهنجي هٿ ۾ ڪيو. خان اهڙي موڪاڻي ڪري دشمن جي لشڪر سان وڃي شامل ٿيو. گوٺاڻا ماڻهو صادق محمد خان کي وڃي ڏسن، تنهن کان اڳي ڪو بندوبست وڃي ڪريو ۽ اسين به پٺيان جلد ٿا پهچون.

خان زمان اوائين مرزا جاني بيگ کان موڪلائي اچڻ لاءِ وقت بدن مان روانو ٿيو ۽ واٽ جا ڏي ڏاڍو ڏکيري ويا هئا ته نصرپور پهتو. اُن ڏينهن جي مسافري ڇهن پهرن (ٻارهن ڪلاڪن) ۾ پوري ڪري ڇڪر نصرپور کان سعيدي گوٺ ۾ وڃي پهتو ۽ اتي جا گورنانا ماڻهو نصرپور ڏانهن روانا ڪيائين. صادق محمد خان کي به اها خبر پهتي، جنهن جي مرضي هئي ته ڪنهن به طرح گورنانا ماڻهو خان زمان جي ڇڪي مان ڪڍان. انهيءَ خيال سان پنهنجي لشڪر مان هڪڙي فوج به خان زمان ڏي چاڙهي موڪليائين. پر انهيءَ فوج کي ڪابه ڪاميابي نصيب نه ٿي ۽ خان زمان گورنانن ماڻهن سميت هالن ۾ اچي اوائين مرزا جاني بيگ سان مليو.

مرزا جاني بيگ ۽ خان زمان هالن کان نڪتا ۽ سيوهڻ جي ازدبڪ هڪڙي ڪاهي ڪناري اچي وچهه چانوٽي هڻيائون. ان وقت هڪڙي سرخ آسمان ۾ پئي اڏامي مرزا جاني بيگ پنهنجي همراهن کي چيو، ته اها سرخ جيڪڏهن پنهنجو شڪار ٿيندي، ته سڀ سوڄ سڻاوا سمجهبا ۽ اڄ پنهنجي فتح ٿيندي. جنهن اسي سپاهي ڪمان وارن ان سرخ کي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن جي به ڪوشش ڪارگر نه ٿي. آخر خان زمان هڪڙي تير سان سرخ کي پٽ تي ڪيرائي

وڌو. مرزا جاني بيگ ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ وڪيل کي ڏهه هزار درم (اڍائي هزار روپيا) ۽ ڪپڙا ۽ گهوڙي عمدي ڪمان خان زمان کي انعام ڏنائين.

نواب مرزا جاني بيگ ٻه گهوڙو لشڪر وٺي ٻن ٻيڙن ۾ چاڙهي مير خسرو خان، جنهن کي "مظهر فضل يزدان" (خدا تعاليٰ جو نوازيل) ڪري سڏيندا هئا، تنهنجو سپه سالاريءَ هيٺ دريا جي رستي سيوهڻ روانو ڪيو. ۽ ٻيو لشڪر خشڪيءَ جي رستي خان زمان جي همٿ هيٺ روانو ڪيائون. جاني بيگ جا ٻئي لشڪر جڏهن سيوهڻ ۾ پهتا، تڏهين صادق محمد خان مقابلي جي طاقت نه ساري ٻکر ڏانهن روانو ٿيو. مير خسرو خان سيوهڻ تي قبضو جمائي ويٺو ۽ خان زمان ويل ڳوٺ لاڙين وار ۽ ٻکر جي آسپاس مان گهڻو جهترو چوپايو مال ڪاهي وري اچي سيوهڻ ۾ نواب مرزا جاني بيگ سان مليو. دشمن جو خطرو دور ٿي ويو ۽ سڀڪو دل جمعي سان وڃي پنهنجي پنهنجي آستان تي رهيو.

## ذڪر سنڌ وٺڻ لاءِ اڪبر بادشاهه جي لشڪر جو ٻيو ڀيرو ڪاهي اچڻ:

صادق محمد خان جي ناڪاميابيءَ جي خبر ٻڌي شهنشاهه اڪبر گهڻو زور سان لشڪر نواب خان خانان جي همٿ هيٺ مرزا جاني بيگ جي ملڪ تي چاڙهي

موڪليو. نواب مرزا جاني بيگ اها خبر ٻڌي، پنهنجو لشڪر وٺي اڙٻور ۾ آيو ۽ درياءَ جي ڪپ تي قلعو تيار ڪرائي ٽڪيو، پنهنجي لشڪر ۽ عيال سميت اچي رهيو ۽ قلعي جي چوڌاري هڪڙي وڏي کاهي کوٽائي ڇڏي هئائين.

نواب خان خانان به پنهنجي لشڪر سميت اڙٻور تي ڪاهي آيو ۽ نواب مرزا جاني بيگ جي قلعي جي سامهون اچي ڇانوڻي هنيائين. ٻنهي طرفن جي وچ ۾ بندوقبازي ۽ تيراندازيءَ جو ميدان گرم ٿي ويو. خان خانان جا گهڻا ماڻهو مارجي ويا. پر اُن جو لشڪر هڪڙو ته اندازي کان گهڻو هو ۽ ٻيو وري فوجن پٺيان فوجون مدد لاءِ پئي پهتس. انهيءَ ڪري اُن کي ڪا پرواهه نه هئي. مگر نواب جاني بيگ جي قلعي ۾ سڀني شين جي تنگي پيدا ٿي پئي. نه ماڻهن کي کاڌو پيتو ميسر ٿي سگهيو ٿي ۽ نه گهوڙن کي گاهه دالو ملي سگهيو ٿي. هڪڙي پاسي نواب خان خانان جي طرفان اهائي ڪوشش هئي، ته ڪنهن طرح کاهي کي هڪڙي هنڌان مٽيءَ سان ڀري اُتان لشڪر لنگهائي قلعي ۾ ڌوڪي پئجي، ٻئي پاسي نواب جاني بيگ جي ماڻهن مڙسا مڙسيءَ سان کاهيءَ مان اها مٽي ڪڍيو پئي ڪڍي جا مخالفن کاهيءَ ڀرڻ لاءِ اُن ۾ پئي وڌي.

آخر نواب جاني بيگ جڏهن ڏٺو، ته لشڪر ۾ اٽو
به ڪونه رهيو آهي ۽ قلعي ۾ رهندڙن کي بک جي سخت
تڪليف ٿي پئي آهي. سپاهين جا ٿمر ۽ انارو س
خلاص ٿي ويا آهن ۽ اهي فقط پٽن، سرن ۽ گهوڙن
جي هڏن (جنجو ماس قلعي ۾ گهرايل سپاهين ڪاٺي
چڙهيو هو) سان دشمن جو مقابلو ڪري رهيا آهن،
ٺهن ڪري بهتر آهي ته صلح لاءِ ايلچي موڪلجن.
آخر ايلچي موڪليائين. نواب خان خانان صلح جي آڇ
قبول ڪئي ۽ جاني بيگ کي ٺٽي ڏانهن وڃڻ ۽ صلح
جي شرطن جي صفائيءَ ڪرڻ جي مهلت ڏنائين.
جنگ بند ٿي. دشمنيءَ جي بدران دوستيءَ جو رستو
قائم ٿيو ۽ نواب جاني بيگ ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. برسات
جي موسم هئي ٺهن ڪري نواب خان خانان سن ڳوٺ
۾ رهي پيو.

مرزا جاني بيگ جڏهن اصرار ۾ پهتو، تڏهن
خان زمان صلاح ڏنيس ته هن وقت نواب خان خانان
سن ڳوٺ ۾ منزل انداز آهي. اسانجي ۽ ان جي وچ ۾
گهڻوئي مفاصلو آهي. موسم به اڻڪلائي جهڙي آهي.
ٺهن ڪري جيڪڏهن اوهان جي مرضي هجي، ته
هتان ئي جيسلمير جو رستو وٺي سڌا شهنشاهه
اڪبر جي دربار ۾ هلي حاضر ٿيون. جيئن شهنشاهه
اڪبر کي اسان جي اطاعتيءَ ۽ فرمانبرداريءَ جي
تسلي ٿي وڃي. جڏهن اسين شهنشاهي دربار ۾

پڇندا-ون. انهيءَ نواب خان خانان ڏي لکي ڪاهي ته ويندو، پر ضرور اسانجي پديان شهنشاهي دربار ۾ حاضر ٿيندو.

نواب جاني بيگ جواب ڏنو ته. اها صلاح بيشڪ سچي آهي، پر جيهن صورت ۾ هيئر اسانجي ذاتي صاحبه ۽ اسانجي فرزنـد ابوالفتح (خان زمان جـي پاڻيجي) جا قضيا ٿئي ۾ پئي چڪا آهن، انهن صورت ۾ ضرور آهي، ته اسين هيڪر ٺٽي ۾ هلي انهن قضين جون قائم خواهون ڪريون- هيترين تڪليفون جي جنگ جي حالت ۾ سنهون اٿئون ان بعد هيڪر هلي عزيزن جا ديدار ڪريون.

آخر نواب مرزا جاني بيگ لاهور کان ايلو فـري گوٺ ۾ آيو ۽ انان وري هالن ۾ آيـو ۽ انهيءَ ئي مان رهيل بادون ۽ لوازما وصول ڪري گوٺاڻن کي پاڻ سان همراه ڪري موٽي لاهور ۾ آيو ۽ انان پنهنجي عيال ۽ لشڪر سميت ٺٽي ڏانهن روانـو ٿيو. انهيءَ وقت اطلاع آيـو، ته نواب خان خانان سن گوٺ مان منزل ڪٽي لاهور ڏانهن پيو اچـي ۽ شاهه بيگ خان کي موڪليو اٿس، ته بوهري ڇڇ واري ڪاهيءَ لـي وڃي قبضو ڪري- خان زمان اها خبر ٻـڌي پنهنجا يار پيا، مرزا قاسم، مير شاه مقيم، مير فتحي بيگ، مير يار علي ڪوڪا ۽ مـولانا احمد سان ٺٽي ڏانهن روانا ڪيا، جي نواب مرزا جاني بيگ جي حرمن سان گڏجي

جي پليان لوهاڻ سان اچي ملاقاتي ٿيندس. نواب
خان خانان خان زمان جي سچ تي نواب مرزا جاني بيگ سان
معلوم ڪري مرزا فريدون بيگ ۽ ٻين اميرن کي
نصرپور ۾ ڇڏي پاڻ ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. راهوس
ڳوٺ جي آمهون سامهون درياهه جي ڪناري تي اچي
ڇاوڻي ڪيائين. اتي خان خانان ۽ جاني بيگ پاڻ ملاقي
ٿيا ۽ ڪجهه وقت اتي رهي پوءِ خان خانان ٺٽي شهر ۾
آيو.

نواب مرزا جاني بيگ پوءِ خان زمان کي ٺٽي ۾ گهرايو
جتي خان زمان ۽ انجو پٽ ميرابوالقاسم سلطان ۽ نواب
خان خانان سان وڃي ملاقي ٿيا، جن کي اُن گهڻي
عزت ۽ تعظيم ڏني ۽ ٻنهي مان هر هڪ کي قيمتي خلعت
بخشيائين.

## مرزا جاني بيگ جو دهلي روانو ٿيڻ ۽ ذڪر سنڌ تي اڪبر بادشاهه جي پاران انتظام

ٿورا ڏينهن ٺٽي ۾ رهڻ بعد نواب خان خانان هڪڙي
ڏينهن نواب مرزا جاني بيگ ۽ اُن جي سڀني وڏن
اميرن کي گهرائي انهن کي عهد اقرار ڏنا، ته اوهين
سڀ شهنشاهه اڪبر وٽ روبرو هلو اوهان کي ڪوبه
نقصان نه رسندو. مرزا جاني بيگ ۽ اُن جا سڀ امير
شهنشاهه اڪبر وٽ روبرو هلڻ لاءِ تيار ٿيا. تنهن
ڪري خان خانان ٺٽي ۾ دولت خان کي پنهنجي امين

سميت ملڪ جي انتظام رکڻ لاءِ مقرر ڪري مرزا جاني
بيگ ۽ ان جي اميرن کي هجري سنه ١٠٠٠ (١٥٩٢ع)
۾ پاڻ سان وٺي شهنشاهه اڪبر جي دربار ۾ اچي حاضر
ٿيو. شهنشاهه اڪبر نواب مرزا جاني بيگ، خان زمان
۽ امير خسرو کي طرحين طرحين نوازشن سان نوازيو ۽
ساڻن قرب ڀريون ڳالهيون ڪيائين. هڪڙي ڀيري
بادشاهه خان زمان ۽ جاني بيگ کان پڇيو، ته اوهان
ٻنهي جي عمر ڪيتري آهي؟ ٻنهي جواب ڏنو ته
اسين عمر ۾ هڪجيڏا آهيون. اسان مان هر هڪ جي
عمر پنجاهه ورهيه آهي. بادشاهه چيو، ته منهنجي
عمر به پنجاهه ورهيه آهي. وري خان زمان کان
پڇيائين، ته اوهان جي ڄمڻ جو هنڌ ڪهڙو آهي؟
خان زمان جواب ڏنو ته آءٌ عمر ڪوٽ ۾ ڄائو هوس
بادشاهه چيو ته آءٌ به عمر ڪوٽ ۾ ڄائو هوس. پوءِ ته
روز بروز شهنشاهه اڪبر، مرزا جاني بيگ ۽ خان زمان
سان وڌيڪ قرب ۽ پيار ڪندو رهيو. ڪن ڏينهن
کانپوءِ بادشاهه ارادو ظاهر ڪيو، ته ٺٽي سنڌ جي
نوابي مرزا شاهه رخ بدخشي کي ڏجي. پر خان خانان
بادشاهه کي صلاح ڏني، ته حضور جن ٺٽي سنڌ جي
نوابي پنهنجي طرفان نواب مرزا جاني بيگ کي ڏيڻ
فرمائين. بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي، ۽ مرزا جاني
بيگ حياتيءَ جا باقي ڏينهن بادشاهه جي حاضريءَ ۾

موڪليو ۽ ٻه اميراڻا وڳ خان زمان ۽ امير خسرو ڏانهن موڪليائون ۽ ڏکڻ سنڌ جي ڏه واري انهن ٻنهي اميرن تي رکيائون. نواب مرزا غازي بيگ وري پنهنجي طرفان خان زمان کي لڳارو، پيرون ۽ جهنڊا عزت افزائيءَ طور ڏنا ۽ ان سان ڏينهون ڏينهون وڌيڪ مهربانيون ڪندو رهيو.

## عمرڪوٽ جي سوڍن جو پاڻ ۾ جهڳڙو ۽ خان زمان جو اوڏانهن وڃڻ

عمرڪوٽ جو علائقو هميشه سنڌ جي حاڪمن جي تابعداريءَ ۾ رهندو هو. انهيءَ قلعي لاءِ سنڌ جو حاڪم جنهن کي حڪومت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪندو هو، سوئي عمرڪوٽ ۽ انهيءَ آسپاس جو حاڪم ليکبو هو. سنڌ جو حاڪم عمرڪوٽ جي ڪنهن به حاڪم کي مقرر ڪرڻ يا موقوف ڪرڻ لاءِ وس وارو هوندو هو.

جنهن وقت نواب خان خانان سنڌ فتح ڪئي، تنهن وقت عمرڪوٽ جو حاڪم راڻو ميگهراج هو. خان خانان راڻي ميگهراج کان سڱ گهريو. راڻي ميگهراج پنهنجي ڀاءُ راڻي مالسنگ جي ڌيءَ جو سڱ نواب خان خانان کي ڏنو.

جڏهن راڻي ميگهراج وفات ڪئي، تڏهن سنڌ جي حڪومت طرفان راڻو کهنداس ولد راڻو ميگهراج عمرڪوٽ جو حاڪم ٿيو. ٿورن ڏينهن کانپوءِ راڻي مالسنگ ۽ راڻي کهنداس (چاچي ڀائٽي) جي وچ

هڪڙا چڱا مڙس راڻي ڪشنداس کي نصيحتون ڏيڻ لڳا ۽ ٻيا چڱا مڙس اچي مير ابوالقاسم کي لاڙڻ لڳا. راڻو ڪشنداس چوي، ته مير ابوالقاسم سلطان جو آءٌ ٻانهن ٻڌو وفادار غلام آهيان، پر راڻو مالسنگ، جو فتني ۽ فساد جو پتلو آهي، سو وچان اڪري وڃڻ گهرجي. مير ابوالقاسم چوي ته شهنشاهه اڪبر جو حڪم آهي، ته جيڪڏهن ڪشنداس مالسنگ کي قابو ۾ وٺي ته ڏئي، ته عمرڪوٽ جي حڪومت ني مالسنگ کي ڏني وڃي. انهيءَ ڪري اسين مالسنگ جو طرف ڇڏي نٿا سگهون.

آخر ڪن چڱن مڙسن راڻي ڪشنداس کي صد لان لاتو ۽ جنگ جون تياريون بند ٿي ويون. راڻو ڪشنداس اچي مير ابوالقاسم سلطان سان مليو. هڪ ٻئي کي محبت ۽ پيار سان مليا. هڪ ٻئي کي سوکڙيون ۽ بخششون ڏنائون. رات جو مير ابوالقاسم سلطان جي منزل ساماره ٻنڌ جي ڪپ تي هئي، ته راڻو ڪشنداس به انهيءَ ٻنڌ جي ٻئي ڪپ تي لشڪر سميت رهيو پيو هو.

ابوالقاسم جي لشڪر ۾ جيڪي سپاهي ماڻهو هئا، تن رات جو راڻي ڪشنداس جي لاڳاپي وارن سوڍن جون ٻوڪون وڃي زبان ڪيون. جنهن ڪري سوڍن رات وچ ۾ ئي هٿيار ڪڍي سپاهين جا وٽ وڃائي ڇڏيا. اها خبر ٻڌي صبح جو مير ابوالقاسم لشڪر تيار ڪري

سوڀن تي ڪاهي ويو. راڻو ڪشنداس ۽ ٻنهجي طرفدار سوڍن جي امداد لاءِ لشڪر تيار ڪري ابوالقاسم سان سامهون آيو. لڙائي لڳي ويئي، آخر راڻو ڪشنداس اڳي ڪوڙهار ڏاڍهن ڀڳو ۽ پوءِ ابوالقاسم لشڪر وٺي سڌو عمرڪوٽ تي آيو. راڻي ڪشنداس جو ڀاءُ ڀڳوانداس جو عمرڪوٽ جي قلعي ۾ هو، سو ٻنهجا ٻار ٻچا وٺي قلعي کان لڪري ٻاهر ويو. ابوالقاسم قلعي ۾ ڪاهي پيو. راڻي ڪشنداس جا ٻار ٻچا عورت ۽ ٻرده سان ڀاڳوت لطربند ڪماڻون ۽ قلعي ۾ جيڪو سامان ۽ اسباب لوڙي وهمد، ۽ ٻيو ڪي هٿا سي سڀ ابوالقاسم جو لشڪر ڦرلٽ ڪري کڻي ويو. قلعي ۾ جيڪي مندر هئا، سي سڀ ڊاهي پٽ ڪري ابوزا ٻرزا ڪري ڇڏيائون مندرن ۾ ٻانگون ڏئي نمازون پڙهايون ۽ ڳئو ڪوس ڪيائون.

راڻي ڪشنداس کي جڏهن اهي خبرون پهتيون، تڏهن غيرت ۽ جوش ۾ ڀرجي ويو ۽ ٻري ٻري ڪان سوڍا گهرائي ورتائين، جي ڪڏهن ڳوٺ ۾ اچي گڏ ٿيا، جيڪي سوڍا اچي گڏ ٿيا هئا تن جو غيرت ۽ جوش ڪان رت ٽهي آڪڙيو.

هي ڪتاب مسٽر کيمچند ديارام واسواڻي ڊيش منر (الهنڊرڪ) پرنٽنگ پريس ڪاهي روڊ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ خانبهادر محمد صديق محمد يوسف ميمڻ سيڪريٽري سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جي ڇپائي حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

## سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ جا ڇپايل ڪتاب ١٩٣٧ کان ١٩٤٥ تائين

**سال ستون ١٩٣٧ع**

١- ديوان فاضل
٢- عقود اللآلي
٣- سنڌ جي ادبي تاريخ

**سال اٺون ١٩٣٨ع**

١- سنڌ جو شاهنامون
٢- ڏه جنتي
٣- حقوق الذمين
٤- اسلامي ڪتبخانا
٥- فلسفهٔ اسلام

**سال نائون ١٩٣٩ع**

١- ترقي سنڌ مسلم
٢- تاريخ سنڌ ڀاڱو ٻيون
٣- نبين جا قصا
٤- دختران اسلام

**سال ڏهون ١٩٤٠ع**

٢- حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة
٣- جوهر اسلام
٤- رسول پاڪ
٥- چاليهه حديثون
٦- مدرسة الجامعه جو افتتاح
٧- تهذيب اخلاق

**سال يارهون ١٩٤١ع**

١- تاريخ سنڌ ڀاڱو چوٿون ارغون ۽ ترخان
٢- هندستان جي تهذيب
٣- ترڪن جي بهادري
٤- تاريخ سنڌ ڀاڱو پنجون (سنڌ ۾ مغلن جا نواب)

**سال ٻارهون ١٩٤٢ع**

١- اسلامي شريعت ڀاڱو پهريون
٣ گلشن بهار
٤- جواهرات

**سال ٽيرهون ١٩٤٣ع**

١- اخلاقي مسدس
٢- اسلامي عقائد
٣- سچائي ۽ همت

**سال چوڏهون ١٩٤٤ع**

١- سنڌ جي ادبي تاريخ ٻيو ڀاڱو
٢- هندستان ۾ مسلم حڪومت جي تهذيب
٣- اسلام ۽ قرآن
٤- حقوق الوالدين
٥- توبة النصوح

**سال پندرهون ١٩٤٥ع**

١- ارڪان اسلام

# سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ جا ڇپايل ڪتاب ۱۹۳۱ کان ۱۹۳۶ ع

## سال پهريون ۱۹۳۱ ع

۱- اسانجو پيارو رسول صلعم
۲- اسلامي رسوم
۳- فاتح سنڌ غازي محمد بن قاسم
۴- تاريخ سنڌ (قديم)

## سال ٻيو ۱۹۳۲ ع

۱- قرآن ۽ نئين روشني
۲- شهيد ڪربلا
۳- هاريءَ جي حڪومت
۴- دين ۽ دنيا
۵- ادبي تحفو
۶- تاريخ سنڌ ڀاڱو ۲ (قديم)

## سال ٽيون ۱۹۳۳ ع

۱- خليفه اول حضرت سيدنا ابوبڪر صديق
۲- بيت الله جي تاريخ
۳- حضرت عمر بن عبدالعزيز
۴- مسلمان عورتن جي سخاوت
۵- مسلمانن جي تنزل جا اسباب
۶- ديوان گل

## سال چوٿون ۱۹۳۴ ع

۱- سچا زالون
۲- مسدس ابو جهو
۳- سيرت النعمان
۴- اسلامي تصوف
۵- اسلامي شريعت

## سال پنجون ۱۹۳۵ ع

۱- در يتيم
۲- سعيد بن جبير
۳- زمان الفردوس
۴- رهنما شاعري
۵- سيف الله

## سال ڇهون ۱۹۳۶ ع

۱- قرب قلمچ
۲- رهنما شاعري ڀاڱو ۲
۳- تاريخ القرآن
۴- قرآني دعائون